
پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾
(شاعري)
اصغر جتوئي

# پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾

(شاعري)

## اصغر جتوئي

سچائي اشاعت گهر- دڙو

2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب

## اسٽاڪسٽ

- ٽيٽائي بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد
  Cell# 0322_3011506
- ڪويتا ڪتاب گهر، ربي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد
- ڪنگ پن ڪتاب گهر، پريس ڪلب حيدرآباد
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد
- قليچ ڪتاب گهر لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد
- ڪلچر ڪتاب گهر سامهون ايم پي اي هاسٽل ڪراچي
- فڪشن هائوس رابعه اسڪوائر حيدرآباد
- شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد
- رابيل ڪتاب گهر- لاڙڪاڻو

## سچائي اشاعت گهر جو ڪتاب نمبر 128 هون


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | **پوئينءَ پهر جي چانڊوڪيءَ ۾** |
| موضوع | : | شاعري |
| ليکڪ | : | اصغر جتوئي |
| ڇاپو پهريون | : | فيبروري- 2017ع |
| ٽائيٽل ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ /لي آئوٽ | : | جهانزيب علي جوڻيجو (ساحل پرنٽر حيدرآباد) |
| ڇپائيندڙ | : | سچائي اشاعت گهر دڙو- حيدرآباد |
| ڇپيندڙ | : | ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد. 03332634650 |

**قيمت : =/200**

**POEN PAHR JI CHANDOKI MEN** (Poetry) – By: Asghar Jatoi
Published by: Sachai Ishait Ghar, DARRO, Sindh
Edition First, February 2017. Cell: 0301-3640468, 0331-2997336
Email: myusifmemon@gmail.com

# ارپنا

**آسيہ جي نالي**

**جيڪا منهنجي بَرَ جهڙي حياتيءَ ۾**

**ٿي جُهُڙ جَهامَ ۾ جهڙي آئي.**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”پوئين پهر جي چانڊوڪي“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب اصغر جتوئيءَ جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

ڏِنو وڃي ته اصغر جتوئيءَ جو شعري مجموعو ”پوئينءَ پهر جي چانڊوڪي ۾“ سهيڙيل شاعري جو سياءُ گهڻو تڻو داخليت تي آڌاريل نظر ايندو. جنهن ۾ سندن سوچ جي آزادي تخيل جا منظر اُڀيندي پسجي ٿي. سندن شاعراڻو اسلوب حقيقت ۽ احساس جي ڀرپور عڪاسي آهي، اندر جي اڪيلائي جا نوحا لکيا آهن. پر سندن سوچ ۽ لوچ ۾ سماجي اوڻاين ۽ انساني بدحاليءَ جو عڪس به چِٽو پِٽو بکي ٿو.

هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر دڙو** پاران 2017ع ۾ ساحل پرنٽرز حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري مور ساگر جوٽيجي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## فهرست


- پنهنجي پاران
- مهاڳ : زندگيءَ جي سچائي جو شاعر
- هر منظر جو شاعر : اصغر
- بيت ۽ وايون
- غزل
- گيت ۽ نظم

# پنهنجي پاران

وقت جو وهڪرو جنهن تيزيءَ سان ٿو گذري، اهو سوچي ماڻهو تپرس ۾ پئجي ٿو وڃي، ڪيترا سال اڳ جڏهن 94_1993ع ڌاري عزيزم اصغر جتوئي سان منهنجي دوست صفر ڪلهوڙي جي معرفت ملاقات ٿي، جيڪا پوءِ دوستي ۾ بدلجي ويئي. ان ئي دور ۾ اصغر پنهنجي شاعري جو هڪ مجموعو ترتيب ڏيئي مونکي ڇپرائڻ لاءِ ڏنو هو. جيڪو پوءِ ڪجھ ٽيڪنيڪل سببن جي ڪري ڇپجي نہ سگهيو. ايئن وقت گذرندو ويو ۽ هاڻ جڏهن ڊگهي عرصي کانپوءِ اصغر جتوئي پاران نئين سر ترتيب ڏنل شعري مجموعو ڇپجي اوهانجي هٿن ۾ آهي تہ ائين پيو محسوس ٿئي، ڄڻ اها ڪلھ ڪلهوڻي ڳالھ هئي ۽ ان سان گڏ اهو ويساھ بہ پُختو ٿي ويو اٿم تہ قدرت پاران هر شئي جو پنهنجو وقت مقرر آهي.

اصغر جي شاعري پنهنجي همعصر شاعرن ۾ نمايان اهميت جي حامل آهي ۽ اصغر جي شاعري پاڻ ڳالهائي ٿي، اڄڪلھ نئين ٿهي جا تمام گهٽ شاعر آهن، جن جي شاعري پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي.

اصغر جو هي شعري مجموعو ڇپجڻ منهنجي لاءِ خوشي ۽ اطمينان جو باعث آهي.

**يوسف سنڌي**

## مھاڳ

# زندگيءَ جي سچائي جو شاعر

اسان جڏھن سنڌ جي شعوري تاريخ جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اُن ۾ صوفي مفڪرن پنھنجي ڪلاسيڪل شاعري ۽ موسيقي آڌار نہ رڳو ماڻھن جي ذھنن جي تربيت ڪئي آھي، پر منجھن اھو شعور پڻ جاڳايو آھي تہ ھڪ فرد ڪائنات جي ھڪ مڪمل حيثيت جو مالڪ ھوندو آھي، اُن ڪري ان کي پنھنجي بنيادي حقن جي گھر ڪرڻ جي مڪمل آزادي آھي. ان ڏِس ۾ منھنجو ذاتي خيال آھي تہ ھر تخليقڪار کان پنھنجي ذات جي ڳولا ئي لڪائي ٿي ۽ سچي شاعري حقيقت ۾ انسان ذات جي اندر جو پُراثر ۽ سحر انگيز آواز ھوندو آھي. جنھن لاءِ ڪارلائل جو چوڻ آھي تہ ”شاعري نہ صرف زندگيءَ تي تنقيد آھي پر اھا شاعري زندگي جي سچائي پُڻ آھي.“

ان تناظر ۾ ڏِٺو وڃي تہ اصغر جتوئيءَ جو شعري مجموعو ”پوئينءَ پھر جي چانڊوڪي ۾“ سھيڙيل شاعري جو سياءُ گھڻو تڻو داخليت تي آڌاريل نظر ايندو. جنھن ۾ سندن سوچ جي آزادي تخيل جا منظر اُڀِيندي پسجي ٿي. سندن شاعراڻو اسلوب حقيقت ۽ احساس جي ڀرپور عڪاسي آھي، اندر جي اڪيلائي جا نوحا لکيا آھن. پر سندن سوچ ۽ لوچ ۾ سماجي اوڻاين ۽ انساني بدحاليءَ جو عڪس بہ چِٽو پِٽو بکي ٿو. سندن ذات انفرادي اسلوب ۽ سچائي واري سونھن سان سينگاريل نظر اچي ٿي. جيڪا ھر سچيت ۽ سيبتي تخليقڪار کي ڏار سُجاڻپ ڏيندي آھي. ھن وٽ شاعريءَ جو وچور انسانيت ۽ محبت کان ويندي بي وفائي ۽ وڇوڙي جي روايتي درد کان وٺي زندگيءَ جي تنھائي جي پوڳنا جي ورلاپ تائين محرومين، ذاتي پيڙاءُ ۽ مشاھدي جو اظھار ٿيل ڏِسجي ٿو. ساڳئي وقت سندن فن ۽ فڪر ۾

سماجي توڙي انساني مسئلن ۽ حقيقتن جو ڏک هڪ جهڙي اهميت جو اُهڃاڻ بڻجي اُسري ٿو.

هن مجموعي ۾ نظم، غزل، نثري نظم، گيت، بيت ۽ وايون شامل آهن. سندن غزل اسلوب ۽ سٽاءُ ۾ نهايت موزون ۽ پُختي جوڙجڪ جي سُهڻائپ جا ساکي آهن. جن ۾ هو پنهنجو پاڻ پسائي ويو آهي. مختصر وزن تي لکيل سندس غزل موضوعاتي اعتبار سان انساني فطرت جي احساسن جي ترجماني ڪن ٿا. جن ۾ وجود جو ڏُک گهڻي جاءِ والاري ٿو. هن جي غزلن ۾ جيئرن جذبن جي جهونگار بنيادي محرڪ بڻجي ويل آهي.

**هر ساهہ پساهہ ساٽو آهي.**
**وقت چڻ تہ ڪو گهاٽو آهي.**

يا-

**جيون سراب وانگر.**
**هرپل عذاب وانگر.**

جتي وقت جي گهاڻي ۾ پيڙهجندڙ هر ساهہ ساٽو بڻجي وڃي ۽ حياتي جي سراب ۾ گذرندڙ هرپل عذاب ڏيندڙ ۽ عقوبت وارو هجي تہ اُتي ليکڪ اکيون ٻوٽي حقيقتن کان لنوائي ڪنهن سياستدان وانگر ’سڀ ٺيڪ آهي‘، جو پرچار ڪرڻ کان لاچار هوندو آهي. هو پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي جي پرک ۽ ڳُٽ جي ڪسوٽي تي سچ کي سچائيءَ سان اظهاريندو نظر اچي ٿو. وٽن انساني گهرجن ۽ فطرت جا انيڪ مشاهدا آهن. جيئن هنن سٽن ۾ گهر کان پري رهڻ جي پيڙا کي پروڙيندي لکيو اٿن.

**هر جاءِ سراءِ وانگر آهي،**
**گهر تہ بس گهر اباڻو آهي.**

هن پيونءَ تي خوشيون بہ غير مشروط طور نٿيون ملن. انهيءَ احساس کي نهايت نزاڪت سان سُهڻي نموني بيان ڪيو اٿن.

**خوش ٿيان ۽ ڪلان!**
**تون آءُ پوءِ ڏِسبو.**

اها حقيقت آهي ته خوش ٿيڻ لاءِ به سبب گهربل هوندا آهن. باقي هونئن ته هر ماڻهوءَ جي من ۾ سور آسيب وانگر گهر ڪري ويا آهن. جن کان هرو ڀرو ڪو به پنهنجو پاڻ بچائي ناهي سگهيو. اهوئي سبب آهي جو مُک تي آيل هر مرڪ اڄ پنهنجو معيار وڃائي ويٺي آهي. ڇو ته هينئر اسان تاريخ جي اُن بدقسمت دور مان گذري رهيا آهيون جڏهن سواءِ سياسي دوکن ۽ سماجي ويساهه گهاتين جي ڪجهه نظر نٿو اچي. اهڙي بي خبري واري زماني ۾ محبوب سان ملڻ وارو هڪ پل ئي زندگي بڻجي جيئاري وجي ٿو.

**پڇيائون زندگي ڇاهي؟ چيم، ”سائين،**
**توسان ملڻ وارو پل آ زندگي“.**

نياءُ سان نبيربو ته سندس چند وديا تي لکيل وايون سيني صنفن مان مٿي ڪَر کنيو بيٺيون آهن. وائي سنڌي شاعري جي نج نکور صنف ليکي وڃي ٿي. هن صنف کي قديم کان جديد شاعري جو سرمايو مڃيو وڃي ٿو. لاکيڻي لطيف يا ڪن اڳ وارن شاعرن کان ويندي هن دور تائين گهڻي ڀاڱي هڙئي لکندڙ هن صنف کي پنهنجي شاعريءَ جي سونهن بڻائيندا رهيا آهن. ان ريت اصغر جتوئيءَ جون لکيل وايون نهايت خوبصورت، متاثر ڪندڙ توڙي اسلوب موجب نهڪندڙ ۽ وڻندڙ ليکبيون. جن ۾ نه رڳو رس ۽ رچاءُ جو سُريلو سنگم نظر اچي ٿو. پر تجنيس حرفي جو وڻندڙ واهپو پڻ ڪيل آهي. جيڪي منفرد موضوعن سان سنواريل آهن. پر جديد ۽ نواڻ وارين اَڇُت تشبيهن ۽ استعارن جو بهترين انداز ۽ سنڌي ثقافت ۽ ٿر جو اُهڃاڻي روپ لڳن ٿيون. جن کي قلم ڏڻي ”سُر وارياسو“ جو نالو ڏيئي نمايان ڪيو آهي. جيڪو سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين سُر جو اضافو ليکبو.

**ڇائنج مون مٿان، ٿي ڇانورو گهر جو.**
**ڏاڍي لک لڳي پئي.**
**سورج هنئي آ ٽاڻي، ٿو اُبري ڳُن ٿر جو.**
**ڏاڍي لک لڳي پئي.**
**ٻهرن هيٺان ٻڪرڙيون، ٿيون جل پيئن جَر جو**
**ڏاڍي لک لڳي پئي.**
**ٿي هنج ترين مون ۾، مان پاڻي ڪينجهر جو.**

ڏاڍي لک لڳي پئي.

مطلب تہ هن جون وايون بنهہ دلڪش ۽ دلبري جي منظرنگاري ڪن ٿيون. ساڳئي ريت سندس بيت پڻ نياري رنگ ۽ ڍنگ جو ڏيک ڏين ٿا. جن ۾ هي پنهنجي ذات جي ذميداري نڀائيندي موجوده سماجي صورتحال جو ڳوڙهو اُڀياس ڪندي نظر اچي ٿو. اڄوڪي دؤر ۾ جيئن تہ امير ڏينهان ڏينهن امير ۽ غريب ويتر غريب ٿيندو وڃي. جنهن ڪري ٻک ۽ بدحالي قوم جو نصيب ٿيندي پئي وڃي. انهيءَ ايذاءُ کي اندر ۾ محسوس ڪندي هي شاعر انتهائي سچائي سان بيت جوڙي ٿو تہ انهن مان لاڪيڻي لطيف جو "اسان اُڏارا آٿي، آونگ چاڙهيا" واري ڪيفيت جو لقاءُ پُڻ لڪي لياڪا پائيندو نظر اچي ٿو.

چانور لپ ڪائي، نہ ڪو ماني پور،
خالي آنڊن تي ڪيو، پاٽيءَ ڪيڏو تور،
ماڻڙي توتان گهور، ٻيلي ٻلڪڻ بس ڪر.

ساڳئي ٻک جو سور ونڊيندي بدحالي جي اوگهڙ جي وارتا ورجائي ٿو.

نپل ٻچڙي تي، ليڙون، ليڙون چولڙو
آهي انڌيارن جو اوسيئڙن تي اولڙو
روهہ سندو رولڙو، مٿ اٿي لئہ ماڻڙي.

ڪيڏو ڪرب سمايل آهي هنن سٽن ۾ جڏهن هڪ انسان گهر ڪان ٻي گهر ٻنجي اٿي لپ لاءِ روهہ جا رولڙا ڪري ٿو. ڳيپي جي ڳولا ۾ پنهنجن ڪان پري ٿي اوسيئڙي جا عذاب سهي ٿو.

انهيءَ حڪايت جي بيان ۾ شاعر بنهہ عوامي ۽ مزاحمتي انداز اختيار ڪندي پسجي ٿو. مطلب تہ هن بيت جهڙي ڪلاسيڪل صنف سان پڻ سهڻي نموني ساراهہ جوڳو نياءُ قائم رکيو آهي. سندن نيارو ادراڪ، اسلوب ۽ انداز پڪ سان پڙهندڙن جي جيءُ ۾ اوس جاءِ والاريندو ۽ سندن هي پهريون مجموعو کين چڱن ڀلن ۽ ڳاڻ ڳڻين شاعرن جي ٻيهڪ ۾ آٽي ٻيهاريندو.

مان ۽ تون اي چنڊ! چاهي جي آهيون چڙا،

**منجهہ سڄي هن منڊ، ڇا ڇا ڇڙو نہ آهي؟**

هن بيت ۾ ڪيڏي سهڻي نموني تنهائي جو درد اظهاريو اٿن. پر ان سان گڏ ذات جي اڪيلي پٽي کي پڻ جستيفاءِ ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي اٿن. ساڳئي ريت ساروڻين جي سور جو بيان ڪندي بنهہ اُڇت استعارو ڪتب آندو اٿن. "سار جا داڻا" ڪيڏي نياري تمثيل آهي.

**اَسُر ويل سار جا، داڻا وڌم جنڊ،**

**روئي ڏِنو چنڊ، ڀَسي پيڙا من جي.**

ايئن هن جي شاعريءَ ۾ درد ۽ اُداسي جي آلاپن سان گڏ اميد جي آٿت جو اولڙو بہ ڇِٽو پسي سگهجي ٿو. اهو ئي سبب آهي. جو پاڻ اُماس جي اوندهہ توڙي دهشت جي ڏپ ۾ بہ گل پوکڻ ۽ امن جون ڳالهيون ڪري اميد جي روشنيءَ جا ديپ ٻاريندو نظر اچي ٿو. هي انهيءَ اميد پرست ڏِي تي دل کي آٿت ڏيندي حوصلي سان چوندو پسجي ٿو. فڪري طور هي سٺون درد جو احتساب ڪنديون نظر اچن ٿيون.

**هاڻ نہ ڏسندو ڪو مون کي ڪڏهن روئندو،**

**اتڪيو هو ڳوڙهو وهي ويو آهي.**

ايئن هي اميد جي آگر جهلي دلبر جي در تان مايوس موٽي ٿو پوءِ بہ ان دز ۾ ڏوڙ ٿيل ڪپڙن کي اوجر جي سهائي ٿو سمجهي.

**دلبر جي در جي، دز ۾ ڏوتل،**

**اوجر پسي ڪو ڪپڙن ميرن جي.**

مطلب تہ سندن شاعري ۾ اهڙا ڪيئي حوالا ۽ تمثيلون نهايت خوبصورت ۽ پوري سگهہ سان سرجيل نياري رنگ ۾ موجود ملندا. جيئن:

**ڇميندي ڇميندي ڪاڪ جي خاڪ،**

**ميندي مُرڪي پئي، زخمي پيرن جي.**

اهڙيون سِٽون سوچ جي ٻوڏار ۾ پيهي مايوسيءَ کي مات ڏينديون پسجن ٿيون ۽ اندر ۾ آس جو اُڏمون پڻ اُپاري وجن ٿيون.

ان ريت اصغر جتوئي جي هڪ خوبي سندن سياويڪ ۽ سادگي واري ٻولي کي ليکي سگهجي ٿو. جنهن ۾ آفاقيت جي رمز بہ آهي تہ من ۾ پيهي

ويندڙ سونهن ۾ جماليات جو حُسن بہ نشانبر ٿيندو ملي ٿو. هي پنهنجي نثري نظم ۾ وري سماج جي اڻگن روين جي ترجماني ڪندي چٽري طنز جا تير هڻندي بہ نٿو ڪيٻائي. جيئن حدود آرڊيننس، استحصال، حواجي ڏيءَ، سچ، دل جي ڌرتي ۾ آخري چمي وغيرهہ سندن نثري نظم ”حقيقت“ ۾ ان ٿوڪ کي پوري ريت پرکي سگهجي ٿو.

**جيجل مان پڙهي رهيو آهيان**
**رات ڏينهن هڪ ڪري**
**ڊگرين تي ڊگريون وٺندو ٿو وڃان**
**تنهنجي ابوجهہ ۾ سادڙن**
**سانگيئڙن لاءِ**
**تہ جيئن آفيسر ٿي وڃو**
**ڪين پنهي هٿن سان لُٽي سگهان.**

هن ’حقيقت‘ ۾ جتي اڄوڪي ڪاموڪي ڪرپشن کي واڪو ڪيل آهي. اُتي اسان جي قوم جي سمجهہ ۾ ساڃاهہ جو الميو پڻ پڌرو بيان ٿيل آهي. اهو تہ علم رڳو نوڪري يا وڏن عهدن جي حصول لاءِ هوندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ قوم جي مارو ٿڙن کي ڦرڻ ۾ لُٽڻ جو وهنوار قائم رکيو وڃي. انهن اکرن کي ڪٽي اسين اڻ سهائيندڙ ۾ اجوڳا ليکي سگهون ٿا، پر ان افسوسناڪ حقيقت کان لنوائي بہ نٿو سگهجي. بهرحال هڪ تخليقڪار جنهن معاشري ۾ جيئي ٿو ان کي ئي اظهاري ٿو زميني حقيقتن کان اوپري شاعري پنهنجون پاڙون ڌرتيءَ جي دل ۾ کوڙي ناهي سگهندي، جنهن ڪري ان کي دائميت جو اونو رهي ٿو.

اصغر جي گيتن ۾ سُندرتا پريو شاعراڻو منظر پيار جي ڀرپور عڪاسي ٿو ڪري. سندن سرجيل شاعري جتي محبت ۾ وفا سان مهڪندي معلوم ٿئي ٿي، اُتي سماجي ۾ سامراجي ڏاڍاين ۾ ناانصافين خلاف مسلسل مزاحمت ڪندي ۾ جاڪوڙيندي نظر اچي ٿو. هر ذات ڏٽيءَ کي پنهنجو انفرادي اسلوب هوندو آهي. ائين هر قلمي پورهيو بہ پنهنجي اسلوب توڙي فن ۾ فڪر ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. هي زندگيءَ جي وارياسي پٽن تي

اوسيئڙي جي آرهڙ جهڙي تپش کي پنهنجي غزلن ۾ محسوس ڪرائي ٿو ته ڪِٿي وري وائيءَ ۾ محبت ۽ وفا جا واهڙ وهائيندو پسجي ٿو. هن جا شعر ڏک جا ڏوراپا لڳندا ته سوين سِڪ جا سنيها به اُنهن ۾ سهيڙيل ملندا. ان ڪري ڏات ۽ ڏانءُ جو هي سچائي ۽ سونهن جو سنگم تخليقڪار لاءِ پُڻ مجيتا جو مان ۽ امرتا جي سوڀ ثابت ٿيندو. شاعر جي سچائيءَ سان گهريل پرخلوص دُعا جون سٽون جنهن ۾ سندس محبت جو انوکو رنگ بکي ٿو. ايئن اسان به سندن سڦلتا لاءِ دُعاگو آهيون. ساٿ سلامت!

دُعا

شل! مون وانگر توکي،
مون سان پيار نه ٿئي،
پاسا ورائيندي ڪڏهن،
نه تنهن جي رات ڪٽي،
دوست کان ٿٿوليون
نه تنهنجي حالت تي
هٿ ريڪائون ڏسندي
نه تنهن جي چاءِ ٺري
شل! مون وانگر توکي،
مون سان پيار نه ٿئي.

**مريم مجيدي**

سجاول

15 مارچ 2017ع

# هر منظر جو شاعر : اصغر

اصغر جتوئي منهنجي اُن دؤر جي شاعر دوستن ۾ شامل آهي. جڏهن آءٌ، اصغر ۽ صفر ڪلهوڙي ڪان ڪجهه وقت پوءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ پنو عاقل ۾ ميمبر ٿيو هوس. 1989_90ع جو اُهو زمانو شاعريءَ سان جُنون جي حد تائين پريم وارو يادگار زمانو هو. سنگت شاخ پنو عاقل ۽ سکر جي گڏجاڻين ڪان وٺي پنو عاقل شهر جي مختلف هوٽلن توڙي جتوئي هائوس تي اصغر سان ٿيل ڪچهرين / رُوح رهاڻين دؤران هڪ ٻئي کي خوب ٻڌو سين ۽ پڙهيو سين، وقت تبديل ٿيو. ذميدارين جي اهڙي هوا گُهلي جو اسين پَنَ پَنَ ٿي وياسين ۽ پوءِ ڪو ڪِٿي اُڏامي ويو ته ڪو ڪِٿي..! اسان جي وجودن جا پَنَ ته الائي ڪٿي ڪان ڪٿي پُهتا، پر اسين هڪ ٻئي جي رُوح مان نه نڪري سگهياسين، ڇو ته اسان جو لاڳاپو / رشتو غير مشروط هو ۽ آهي. جنهن ڏينهن اصغر واقف ٿيو، اُن ڏينهن کان سندس سُخن سان به ڏيٺ ويٺ ٿي، جيترو اصغر جي شخصيت کان واقف آهيان، اوترو ئي هن جي غزل ، گيت، وائي، بيت، نظم ۽ ٻي ڪنهن صنف سُخن کي سُڃاڻان. ڏيٺ ويٺ جي اُنهن ڏهاڙن ۾ ئي پَتو هو ته ذات جي ڏيهه ۾ ڪير ڪيترو پنڌ ڪندو؟

اصغر جتوئيءَ جو ڪتاب اڇڙ ڇڙ ته منهنجي ئي هڪ سپني جي ساپيان آهي، شاعريءَ جو اڄوڪو دؤر" فيس بُڪ" جي فوبيا جي وَر چڙهيل آهي، لاتعداد شعراء حضرات به سئوَن فيس بُڪ تي رکي " لائيڪ" ۽ "ڪمينٽ" جي آسري تي سُخن جو صحرا جهاڳڻ لاءِ تيار آهن. اهڙي دؤر ۾ اصغر جتوئيءَ جي شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر جي رنگيني موجود آهي ، تنهائيءَ جي جهنگ ۾ اصغر کي ذات اهڙا ته شعر ارپيا آهن جيڪي نه فني طور ڦڪا آهن، نه ئي فڪري طور. شاعري اُهو جادُو آهي، جيڪو هر مُند کي تبديل ڪندو آهي، شاعر چاهي ته لفظن جي رنگيني ۽ خوشبوءَ سان خزان کي بهار بڻائي ڇڏي ۽ چاهي ته بهار کي اُداسيءَ جي چادر پارائي

ڇڏي. مون جڏهن اصغر جتوئيءَ جي ڪتاب جي مواد تي نظر ڦيرائي ته مون کي سندس شاعريءَ ۾ چانڊوڪيءَ جا سڀ پهر نظر آيا. هن جا احساس هر مُنڊ جا احساس محسوس ٿيا. ڪٿي غريب جي خزان جا خراب رُوپ ڏٺم ته ڪٿي محبوبه جي مُرڪ بهار ڏسڻ ۾ آئي

**تنهنجي يادُن ۾ رئڻ خاطر**
**بهانا ڳولن ٿيون اکيون.**

غزل جي هن هڪ شعر ۾ اصغر جو هڪ اڻ ڇُهيل خيال آهي، عام طور تي شاعريءَ ۾ نه رُئارڻ جي ڳالهه هوندي آهي، پر مٿين شعر ۾ پرينءَ جي ياد ۾ روئڻ لاءِ ترپ ۽ تمنا موجود آهي.

**هُنَ جي وارن ۾ پيل گُلَ سان**
**تي محسوس ڪيڏي رقابت.**

غزل جي هن شعر ۾ پرينءَ جي وارن ۾ گُلَ کي نه برداشت ڪرڻ به هڪ انوکو خيال آهي، ورنه اڪثر اِهوئي لکيو ۽ ڳايو ويو آهي ته ” تنهنجي وارن ۾ گُل خوبصورت ٿو لڳي“ وغيره.

**چانور لَپ ڪائي، نه ڪو مانيءَ پور**
**خالي آنڊن تي ڪيو، پاٽيءَ ڏاڍو تور**
**ماٺڙي توتان گهور، پيلي پلڪڻ بسِ ڪر.**

*

**پورهيت پهڻ پيٽ بکئي، ڀوڙي لئه ڀوئي**
**ڏاڍو دل روئي ،**

اصغر جي مٿين بيت ۽ وائيءَ جي بند ۾ غُربت جي چٽي تصوي موجود آهي ، غرُبت جيڪا قدرت طرفان نه پر موجوده استحصالي ۽ اڻ برابريءَ واري سسٽم جو تحفو آهي. باشعور شاعر ڪڏهن به غير جانبدار نٿو رهي سگهي، هُو جڏهن ڏرتي ڌڻين جا ڏُکَ ۽ جيجل جي ٻچڙن جي بُکَ ڏسي ٿو ته انهن جو طرفدار ٿي قلم کڻي ٿو. شاعر جا لُڙڪ به جانبدار آهن ته مُرڪ به.

اصغر جتوئي هر منظر جو شاعر آهي، هُن جي شاعريءَ ۾ ٻٻُرن جي چانوَ هيٺان نينگرين جو پاٽي پرڻ، واريا سي تي وڏ ڦُڙي جو وسڻ، ريگستان مٿان تنها چنڊ جو اُڀرڻ ، سچ لٿي تارن جو ظاهر ٿيڻ ، جيجل جو ٻڪَ تي ٻَلڪڻ، نبل ٻُت تي ليڙون ليڙون چولڙو هُجڻ ۽ لوڙهي وٽان ڪنهن ناريءَ جو پرينءَ لاءِ واجهائڻ جهڙن منظرن سميت ڪيترائي منظر ملن ٿا.

ڪافي وقت دُور گذارڻ کان پوءِ جڏهن ڪتاب " پوئين پَهَر جي چانڊوڪيءَ ۾ " جو مسودو ڏٺم تہ يقين وڏيڪ پُختو ٿيو تہ اصغر جي ذات جي ڏيهہ ۾ رات ناهي آئي ، نہ ئي ايندي، چاڪاڻ جو اهڙي ڳالهہ اصغر اڳ ۾ ئي ڪري ڇڏي هُئي تہ:

**ذات منهنجي مات ڪائيندي ڪنهن ڇيو ؟**
**روشنيءَ کي رات ڪائيندي ڪنهن ڇيو ؟**

**بيخود بلوچ**

# سُرُ واريا سو

# بيت ۽ وايون

جا گهڙي تنهنجي ياد ۾ گُذري،
امر ٿي وئي.
پوري ڇڏي تنهنجي خواهش ۾،
جا بہ دل ۾ خواهش اُپري،
امر ٿي وئي.
مِٺي ٻٽيو گُل تہ مِٺي هو،
سندس سُرهاڻ هوا ۾ وِکري،
امر ٿي وئي.
جَرَ جَالَ مان جنم وٺي،
دل-صحرا تي وسي ڪڪري،
امر ٿي وئي.
اڳي يا پوءِ، مرڻو تہ هئو،
پر جان تنهنجي راهہ ۾ نِڪري،
امر ٿي وئي.

❊

اُجرا جهرڻا پوڻ تي،
بي عيب نِپ مٿي
سگهندو ڪير ڳڻي.
جهرمر تارا رات ۾،
ٽا اُپرن سج لٿي
سگهندو ڪير ڳڻي.
ڪيڏي چڱائي اُن ۾،
جا ٿو پاڻ رِٿي
سگهندو ڪير ڳڻي.
خلقون خلقيءِ ڪيتريون،
جٿي در جٿي
سگهندو ڪير ڳڻي.
❊

ڄائنجَ مون مٿان، ٿي ڇانورو گهر جو،
ڏاڍي لُڪَ لڳي پئي.

سُورج هنئي آ ٽامڻي، ٿو اُڀري ڪُنُ ٿَرَ جو،
ڏاڍي لُڪَ لڳي پئي.

ٻٻُرَن هينان ٻڪرڙيون، ٿيون جل پئن جَرَ جو،
ڏاڍي لُڪَ لڳي پئي.

ٿي هنجُ ترين مون ۾، مان پاڻي ڪينجهرَ جو
ڏاڍي لُڪَ لڳي پئي.
ڏاڍي لُڪَ لڳي پئي.

❊

گُلَ ۾ پوپٽ جا
سيئي رنگ ڦِڪا، تنهائيءَ جي جهنگ ۾.

سُک جي گهڙي هاءِ
مونکي ياد نہ ڪا، تنهائيءَ جي جهنگ ۾.

وِڇوڙي جي رات
چنڊ ٻَريا سُڏڪا، تنهائيءَ جي جهنگ ۾.

دنيا جا رشتا
ڪوڙا جڙ سِڪا، تنهائيءَ جي جهنگ ۾.
تنهائيءَ جي جهنگ ۾.

❊

تي واءُ واچوڙا پئي!
متيءَ مُنهڙا مليا.
حال آهر سَڀ سَنُو،
کهڙن کين کئي!
متيءَ مُنهڙا مليا.
پريون واريءَ اکڙيون،
بس رَئي ئي رَئي!
متيءَ مُنهڙا مليا.
اوسيئڙي ۾ اُڀريا،
تارا نيَ ــ تئي!
متيءَ مُنهڙا مليا.
مون کي مُنُو مائڙيءَ،
ڏوراپا ڏيئي!
متيءَ مُنهڙا مليا.
❊

سپ ساٿي سُجَ جا،
سرتيون اڄ ساريم.
وِيريءَ ٽڏي واءُ ۾ ڪٽولا مُڃَ جا،
سرتيون اڄ ساريم.
پِنَنِ پرجي ڏنا، سپ سپنا اُڄَ جا،
سرتيون اڄ ساريم.
ڏيندو ڪير حسابُ، هن پاپ ۾ پڃَ جا،
سرتيون اڄ ساريم.
سرتيون اڄ ساريم.

❋

چانور لَپَ ڪائي، نہ ڪو مانيءَ ڀُورُ
خالي آنڊن تي ڪيو، پاٽيءَ ڏاڍو ٽُورُ
مائٽڙي توتان گهوُرُ، ٻيلي ٻلڪڻ بس ڪر.

❁

ٻيلي ٻلڪڻ بس ڪر، ڪندين ڇا روئي؟
لُڙڪن جي لڙي جڙ، نيڻن تو پوئي،
ڳلن تي ڳوڙهن جي، جي ٻُڏي ها ڪوئي،
تہ ڇڏي ها ڌوئي، تختي سنڌ تقدير جي.

❁

ڀَڃي سڀ ڀائيپون، ٻُک چوي ڀَڄُ!
ڇا وساريان وستي، ڀرڻ ڪارڻ ڇڄ؟
ڇاهي جو ناهي، سڪيو اسانجو اَڄ،
لالڻ ٿورو لَڄُ، آهي اڃان من ۾.

❁

تتي واري تئي جان، لڳ ساڙي لُڪَ،
ابل سڙي اُسَ ۾، ڪارڻ ٻُڇڙي ٻُڪَ،
مرجهايل هي مُکَ، ڪڏهن ڪلندا خوش ٿي.

❊

نبل ٻُٽڙي تي، ليڙون ليڙون چولڙو،
آهي انڌيارن جو، اوسيئڙن تي اولڙو،
رُوهہَ سندو رولڙو، مُٺِ اٽي لئہ ماٺڙي.

❊

مُٺِ اٽي لئہ ماٺڙي، جيجلَ جوءِ چڏي،
پرک پيٽ بکئي جي، ڪيڏي آهِ ڪڙي،
گهوريس تنهن گهڙي، اَبل اُسهيو اوهري.

❊

جيڪر ڪا جل ٿل!
ٺري ورياسو اَلا.

وانجها پَسي واهيرا، لٿا لُڙڪ اَجهل،
من جي ماڳ مٿان، برسن ڪي بادل،
پٿن مٿاران پيرڙا، آيلِ مون اَيل،
ڪي ياد اٿم ٿورڙا، چانڊوڪيءَ جا پَل،

جيڪر ڪا جل ٿل!
ٺري ورياسو اَلا.

❊

وارياسي تي اڄ واري، اُڀري آيو چَنڊُ،
رات سامائي رڻ ۾.
اُتي ويلي اَسُرَ جي، پرينءَ پيتو جَنڊُ،
رات سامائي رڻ ۾.
وَرَ ڪولي وارن جا، مُحبَ مهڪايو مَنڊُ،
رات سامائي رڻ ۾.
وَاتِ وِڏي واءُ جا، واري ڇڻڪ ڪنڊُ،
رات سامائي رڻ ۾.
وِڇڙي وڃ وَلِ جان، منهن مان ڪِڏي گُهنڊُ،
رات سامائي رڻ ۾.

❊

جيجل وريو واءُ!
پاڻ ۾ وسندا مينهڙا.

ڪيسين ڦَٽُ ڦُلاربو، پربو آخر گهاءُ!
پاڻ ۾ وسندا مينهڙا.

آءُ ڪُومايَسِ ڳانڍَ جو، ساري هَٿَ ڇُهاءُ!
پاڻ ۾ وسندا مينهڙا.

واريءَ تي ورهين کان، ويڙهيچن ـ ورجاءُ!
پاڻ ۾ وسندا مينهڙا.

اڇي پيو اُتر کان، ڪنوڻ جو ڪِجڳاءُ!
پاڻ ۾ وسندا مينهڙا.

❊

مُندَ آئي ٻيرن جي،
ماروئڙن جي مُلڪَ ۾.

وِيريءَ ۾ وڪري وئي، وَلِ مِتيرن جي،
ماروئڙن جي مُلڪَ ۾.

گونجي پئي گهوگهو ڍايل ڳيرن جي،
ماروئڙن جي مُلڪَ ۾.

ڳالهه هلي ڳوٺ ۾، ڏاٽن ڏيرن جي،
ماروئڙن جي مُلڪَ ۾.

❊

جُهڙُ ڦُڙُ وُٺي جَهامَ،
تتل واريءَ تي.

”من مسافر تنها، رڻ ۾ لِٽي شَامَ“،
تتل واريءَ تي.

اڪڙيون جُهڙاليون، اندر توڙي ڪَامَ،
تتل واريءَ تي.

سسئي ڇپيا سورج ڪي، پنهل لاءِ سلام،
تتل واريءَ تي.

راڌا لئہ رُلندي، بنسي ٻڌي شيام،
تتل واريءَ تي.
تتل واريءَ تي.

❊

سڏي ٿَرَ واري، الا!
سڏي ٿَرَ واري.

نينگرِ آهي ولهه ۾، اوسيئڙي ناري، الا!
سڏي ٿَرَ واري.

مون لئه اڄ بہ آهي، آتي ڪناري، الا!
سڏي ٿَرَ واري.

ٻَنِ مٿان چَنڊَ جڙ، مشعل آ ٻاري، الا!
سڏي ٿَرَ واري.

❊

چنڊ جي چانڊاڻ ۾
صبح وارو سوجهرو، پوتر تنهنجي سونهن وو.

تون نسورو نُور آن،
سِجُ تنهنجو اولڙو، پوتر تنهنجي سونهن وو.

چانڊني تنهنجو بدن،
شفق جڻ تنهنجو پڙو، پوتر تنهنجي سونهن وو.

داغ ڪارو چَنڊَ ۾،
عشق منهنجو ڪُوجهڙو، پوتر تنهنجي سونهن وو.

❊

ڳِهميل واريءَ تي پيا، سورج جا ڪرڻا!
ڏرتي ٿي پَئي آرسي.

ڏوپي ماڪ ڦُڙن سان، پَرَ چمڪيا اَڪ جا!
ڏرتي ٿي پَئي آرسي.

نڪتيون آهن نينگريون، ڪٽي ڪچ گهڙا!
ڏرتي ٿي پَئي آرسي.

تتل واريءَ تي پيا، مينهڙا وَڏَ ڦُڙا!
ڏرتي ٿي پَئي آرسي.

❋

تو ريءَ نوري! جَامَ جا ـ
ڏکيا گذرن ڏِينهنڙا.

دردن در ڳولهي لَڌا، هيل آهن عَامَ جا ـ
ڏکيا گذرن ڏِينهنڙا.

سَامَ ڪڻن ڪونہ ٿا، ڏکها پاڇا شَامَ جا ـ
ڏکيا گذرن ڏِينهنڙا.

سنگت کھڙي سنگين جي، دوست سارا نَامَ جا ـ
ڏکيا گذرن ڏِينهنڙا.

پُڇِريا پَرَ پکين جا، لَڳَ اُگهاڙا لاَمَ جا ـ
ڏکيا گذرن ڏِينهنڙا.

❁

اُجهڻ تي آ لاٽ،
سِگهو اچج سُپرين!

تَڪيان پئي لوڙهي تان، ڪري اوچا ڳاٽ،
سِگهو اچج سُپرين!

اُونهاري ۾ سياري، هاءِ ووڙيان واٽ،
سِگهو اچج سُپرين!

مَ جاڻان ڪڏهن ۾، ايندؤ ڪهڙي گهاٽَ،
سِگهو اچج سُپرين!

❊

آءٌ اڪيلو سُڄي واٽَ،
رڻ ۾ منهنجون راتڙيون.

نِڙي جڻ ڪنڊا ڪنڊا،
نيڻن ۾ پر ماٽ،
رڻ ۾ منهنجون راتڙيون.

نہ سي هلڪا ٿهڪڙا،
نہ ئي سي سُرٻاٽ،
رڻ ۾ منهنجون راتڙيون.

نہ ڪو چوڏهين چنڊ،
نہ ڪا ڏيئي لاٽ،
رڻ ۾ منهنجون راتڙيون.

چوڏس واسو واريءَ جو،
رڳو اُڃَ ــ اُساٽ،
رڻ ۾ منهنجون راتڙيون.

❊

تولئہ تنهنجي وَاٽَ تي،
ٻيٺو سوچيان ٿو.

ڪڏهن ايندينءَ اوچتو
جڳ سارو واري،
ٻيٺو سوچيان ٿو.

دوست مليا ڳاٽوان،
جيون ۾ مونکي،
ٻيٺو سوچيان ٿو.

ڇو ايڏو حيرانيءَ مان،
مون ڏي چنڊ تڪي؟
ٻيٺو سوچيان ٿو.

من آتو جن لاءِ،
هوندا آتا سي؟
ٻيٺو سوچيان ٿو.

❋

سِڪي ٿَرَ واري، ڪارڻ هڪڙي بوند!
ڇو ايڏي اٿهوند، اَبَر تنهنجي اوت ۾؟
❊

منجهان هڪ هڪ سنڌ، نڪتي نِري ڄَرَ،
هيڪر اي! ابر، ڦوهر اوجل جل جو.
❊

خاڪي خاڪ اُڏِي، واچوڙي جي وَرَ ۾،
نينگرِ سوچ ٻُڏي، بادل پاڻي خوش ٿي.
❊

وڻ سُڪا، ٿڻ سُڪا، سُڪا سارا پَنَ،
سِڪيا منهنجا ماروئڙا، ڪارڻ داڻي اَنَ،
وڻجارن واهر ڇڏي، وساري وَچن،
جيئڻ جي جَتن، ويچارا وانجهيا ڪيا.
❊

وري ڪونه وٺو، ڪو بادل پٽن تي،
ڪير ڄاڻي ڪيترو، سانگيئڙن سنو،
ڪکر ٿيو ڳنو هرهڪ آليءَ اک ۾.
❊

لامون ساڙيون لُڪَ،
ير ۾ پٽن جي.

پير پٿون سارا، واري واري مُکَ!
ير ۾ پٽن جي.

چلڙا چلڙا واري، دور دونهين دُکَ!
ير ۾ پٽن جي.

مون ماروئڙن کي، مليا مور مَ سُک!
ير ۾ پٽن جي.

اِجهو پڪا پيرون، ويندي ويندي بُکَ!
ير ۾ پٽن جي.

❊

ڏيئڙا ڏيئڙا جَڳُ،
پرين توکان اَڳ!
مون لئہ هِيئن نہ هُيڙو.

منهنجي من جي ٿَرَ تي،
ڪونجڙين جو وَڳُ!
توکان پرين اَڳُ!
مون لئہ هِيئن نہ هُيڙو.

منهنجي هر راهہ ۾،
توهانجو ئي ڏَڳُ،
توکان پرين اَڳُ!
مون لئہ هِيئن نہ هُيڙو.

هر درد دنيا جو،
ڪير جي ڄڻ جَهڳُ،
توکان پرين اَڳُ!
مون لئہ هِيئن نہ هُيڙو.

❊

پنهنجي گهر جا گهاٽَ!
”ڏني ڏينهن ٽيام“

ڇانئي آهه اُماس، ڏکندڙ ڏِيئي لاَٽ!
”ڏني ڏينهن ٽيام“

پرينءَ پاسي جا پُڄي، وڇايل سا واٽ!
”ڏني ڏينهن ٽيام“

هلڪڙا اشارڙا، ۽ نيڻن سندا ناٽَ!
”ڏني ڏينهن ٽيام“

ڪنول جي ڪؤنرن، مُڪڙن تي ماٽَ!
”ڏني ڏينهن ٽيام“

❇

مونکي سُپرين منهنجو ـــ
ڙي سر تيون ڳولي ڏيو.

تر جيئن پياسي آهيان،
ماٺهو جُهڙَ جهڙو ـــ
ڙي سر تيون ڳولي ڏيو.

اُٽتيهين اونداهِ ۾،
چوڏهينءَ چنڊَ پرتوو ـــ
ڙي سر تيون ڳولي ڏيو.

بـَرَ ۾ ڀٽڪي آهيان،
ڪيچين جو رستو ـــ
ڙي سر تيون ڳولي ڏيو.

❊

ساريم ناز حِجابَ جا!
نِسري پيو يادون.

اڄ تائين سانڍيا اٿم،
تنهنجا خط ”جواب“ جا!
نِسري پيو يادون.

ڏِسي البم ياد پيا،
سي ڏينهڙا شَبابَ جا!
نِسري پيو يادون.

منهنجي ڊائريءَ مان ڪِريا،
سُڪل پَنڪَ گلاب جا!
نِسري پيو يادون.

❁

ڪر نہ ايڏو فخر تون، اي چنڊَ! تنهنجي!
چانڊني آ چار ڏينهن.

ڪي پَلَ جواني آهِ مِٺا، وقت ويندو آهہ اُڏري!
چانڊني آ چار ڏينهن.

چِڙ ڪٽي هاڻي هوڏ ڪي، مِلُ اچي مون ساڻ مُرڪي!
چانڊني آ چار ڏينهن.

ڪاڪَ ۾ مومل جي خاڪ، جُڳن ڪان روئيندي رهي!
چانڊني آ چار ڏينهن.

❊

مَ مونکي مور وڻن، پڻن مٿي مينهڙا!
پرين شل موٽن، تہ مون لئہ ملهاري ٿئي.

❊

مينهڙا وڄ موٽي، ٻي واهڻ وڃي وَسُ!
ٻوڙين متان گَسُ، اڇٽا آهن اڄ پرين.

❊

ڇو مان ڇڏيان مارو جي مِٽُ ٿيئن تہ مُوٺ،
گهوريندس سو گهوٽ، جو مارن ڇانئَوَ ڇڏائي.

❊

نياڻيون نماڻيون، وڏيون شال مَ ٿين،
ڏيئن جا ڏٽي ٿا، ڪيڏا ڏکَ ڏِسن!
ڇڏي اباڻا ڇَنَ، اُسهن آخر اوهري.

❊

ڏيئن جا ڏٽي ٿا، پالن رڳو روڳ،
لڪيل تن جي لِيڪ ۾، جدايئن جو جُوڳ،
صدين جو سوڳ، پالي ٿي پئي امڙي.

❊

گوندر منجهه گڏي،
ڇو ايڏو ڏُور وئينءَ؟

منهنجي دل جي پاند ۾، سُڪلَ گُلَ ڇڏي!
ڇو ايڏو ڏُور وئينءَ؟

هاڻ تہ آءُ ٿڪجي پيو هان، توکي آءُ سڏي!
ڇو ايڏو ڏُور وئينءَ؟

روئي روئي سوچيو آهي، منهنجي جيءَ جڏي!
ڇو ايڏو ڏُور وئينءَ؟

❊

سُرها گُلَ هٿن ۾، مُئي پُڄاڻان قبر تي!
ڇَڻندا پيلا پَنَ.

پُوهَ ۾ اڪيلڙا، تون مان هونداسي!
ڇَڻندا پيلا پَنَ.

عمر پُڄاڻان او پرين! پنهنجيءَ جهوليءَ ڏي!
ڇَڻندا پيلا پَنَ.

ڏُوڙيو درخت دل جو، ڪنهن بہ اچي جي!
ڇَڻندا پيلا پَنَ.

❊

جَاڳَ جا ڀَاڳَ ۾ ملي آهي،
ڏاڍي ڀلي آهي.

اک ٽيٽ سان مونڏي ڏِسي،
نينگرِ جا هورڙيان ڪِلي آهي!
ڏاڍي ڀلي آهي.

تنهنجي شهر جي ڳلين ۾،
مونسان جا تنهائي رُلي آهي!
ڏاڍي ڀلي آهي.

جنهن ڪري هيتري شهرت،
محبت جا منهنجي هُلي آهي!
ڏاڍي ڀلي آهي.

❊

سَارا سُورَ سَٽي!
مون اڄ ننڊ ڪئي.

او سپنن جهڙا سُپرين! تنهنجا خواب جَهٽي!
مون اڄ ننڊ ڪئي.

تنهنجي پياري نَانوَ کي، رُوحَ منجهه رَٽي!
مون اڄ ننڊ ڪئي.

درد جون راهون پاڻ ڪان، ٻيءَ پَر مٽي!
مون اڄ ننڊ ڪئي.

جيون ڪٽيو سڏڪندي، باقي ڏينهن ٻہ ٽي!
مون اڄ ننڊ ڪئي.

❊

سَرمايو آهي!
يادون ئي هي لُڙڪَ.

آڇيان ٿو توکي، مون وٽ جو آهي!
يادون ئي هي لُڙڪَ.

دل ۾ ئي ٻِگلن تي، رکان ٿو ٿاهي!
يادون ئي هي لُڙڪَ.

هي صِلو ڀاتو آ، توکي مون چاهي!
يادون ئي هي لُڙڪَ.

❁

بيوس مونکي ڏِسي،
ڪا نينگرِ مُرڪي پئي.

پاڙي واري ٻارڙي ڪان،
منهنجو نانءُ پُڇي،
ڪا نينگرِ مُرڪي پئي.

پيار جي پياري پياري،
يادن منجهہ لُڇي،
ڪا نينگرِ مُرڪي پئي.

منهنجي دير اچڻ تي مونکان،
ڪوڙ مچوڙ رُسي،
ڪا نينگرِ مُرڪي پئي.

منهنجي مُکَ تي چاهہ وِچان،
پنهنجا چَپَ رکي،
ڪا نينگرِ مُرڪي پئي.

❁

دل جا دَرَ کولي!
اچن ٿا خَيالَ.

ليٽر لِکان کوئي يا،
فون کيان تو ڏي!
اچن ٿا خَيالَ.

مونکي منهنجي کمري ۾،
مَ ڄاڻ کٿان رُولي،
اچن ٿا خَيالَ.

تنهنجي سپنن کي پرين!
ڪِٿان کِٿان ڳولي،
اچن ٿا خَيالَ.

❊

دل_اَلبم ۾ اجان!
تصويرون تنهنجون.

پائي جهاتي چاتيءَ ۾،
وَرِ وَرِ پيو ڏِسان!
تصويرون تنهنجون.

تنهنجي رنگ ۽ رُوپَ کي،
آئينديون ڪِٿان؟
تصويرون تنهنجون.

شفق، اوندهہ، چانڊوڪي،
ميڙي مان ناهيان!
تصويرون تنهنجون.

❊

چا؟ مونکي ياد ڪري!
ڪو سُڏڪا ٿو ڀري!
ڪُوڙو نٿو لڳي.

تو ريءَ ڪائي خوشي،
مون کي خوش ڪري!
ڪُوڙو نٿو لڳي.

مون اڪيلي ڪان پرين!
جِيونَ ـ نَاوَ تري!
ڪُوڙو نٿو لڳي.

پوءِ بہ اِنتظار آهِ،
ڪوئي وَيل وري!
ڪُوڙو نٿو لڳي.

❊

آيل تنهنجي اک ۾ ڇا لئہ هيءَ آلاڻ؟
ڇِرڪينءَ تون ڇاڪاڻ؟ سوچيءِ کهڙي ڳالهڙي؟

✻

سوچي کهڙي ڳالهڙِي، ٿڌڙو پَريُءِ ساههُ؟
ڇا لئہ ڪيُءِ ناهُہ، اوسيئڙي سان او امان؟

✻

امڙ ڪارڻ تو، ڇڙا ڏکڙا ڇو؟
شايد ڏوهہ ڪيو، جيجل مونکي جنمي.

✻

جيجل مونکي جنمي، سَوَ پرايءِ سورَ،
جيون تنهنجي جا ڪَتا، ٿيندا ويا اَنگورَ،
ايندا آخر ٻُورَ، جيون-اجڙيل ول تي.

✻

ميوو نہ ڪو قول، جيون اُجڙيل ول جان،
هر پل آهہ ملول، ماندو ماروئڙن لاءِ.

✻

ڪوئي پريتم غم جي مالها، پيار بدران پوئي!
ڏاڍو ڏِل روئي.

پُورهيتُ پَهرَ پيٽ بُکئي، ڊوڙي لڳ ڊوئي.
ڏاڍو ڏِل روئي.

نِنڊَ بدران هر رات هاري، سُورَ ويهي سوئي!
ڏاڍو ڏِل روئي.

پنهنجي ملڪ ۾ ماروئڙي کي، چوي اَٽاسي اوئي!
ڏاڍو ڏِل روئي.

پنهنجيءَ رت ۾ رڱيل ڪپڙا، ڏارين جا ڌوئي!
ڏاڍو ڏِل روئي.

❊

آءُ اڄ آخري پيرو،
پري رکي سڀ رنجشون، پيار مان ملون!
آءُ اڄ آخري پيرو.

پنهنجن گناهن تي پرين! پاڻ ئي روئون!
آءُ اڄ آخري پيرو.

چانڊوڪيءَ ۾، واهه جي تاپ تي ٽِلون!
آءُ اڄ آخري پيرو.

پنهنجين نندڙين ڳالهين تي، پاڻ ئي کِلون!
آءُ اڄ آخري پيرو.

❊

تنهائي ڪڏهن ستائي جي توکي ياد ڪري!
مان مُرڪي ويهندو هان.

دور سمندر جي مٿاران،
نِما شام ٿري، توکي ياد ڪري!
مان مُرڪي ويهندو هان.

خط لِپ اسٽڪ سان لکيل،
ٽشو پيپر تي، توکي ياد ڪري!
مان مُرڪي ويهندو هان.

پوپٽ مِٺيون ڏي جڏهن،
گلن ڪي ڳَلَ تي، توکي ياد ڪري!
مان مُرڪي ويهندو هان.

❊

محتاج تنهنجي پيار جي،
ٿي منهنجي حياتي.

من ۾ تنهنجي جي ڦُٽي،
هِڪڙِي گهڙِي سارجي،
ٿي منهنجي حياتي.

اسٽيج تي آيس، هليو ويس،
چڙهُ تہ ڪنهن فنڪار جي،
ٿي منهنجي حياتي.

آهہ تو سِوا منهنجا پرين!
گلڙن سان گڏ خارَ جي،
ٿي منهنجي حياتي.

❋

پوريل تنهنجو پيارُ
پراڻين ڊائرين ۾.

پڙهندي آليون ٿيون اکڙيون،
تنهنجو ٿيو ديدارُ!
پراڻين ڊائرين ۾.

اک بنا سُرمي، لَبَ سِوا لالي،
منهنجو هار سينگارُ!
پراڻين ڊائرين ۾.

”پنهنجو هڪڙو گهرڙو هوندو“
سو سارو ويچارُ!
پراڻين ڊائرين ۾.

تنهنجو ئي نالو پرين! آهه،
منهنجو سڀ سنسارُ!
پراڻين ڊائرين ۾.

❊

گوبي ٻاهران ولهه ۾، چانڊوڪي سُڏڪي!
ٻري ڇرڪ اُٿي، پاڻ آيا سپرين!!

❁

مان ۾ تون اي چَنڊَ!، ڇاهي جي آهيون ڇڙا!
منجهه سڀ هن مَنڊَ، ڇاڇا ڇڙو نه آهي؟

❁

اَسرُ ويلي سارجا، داڻا وِڏِمِ جَنڊ!
روئي ڏِنو چَنڊَ، پسي پيڙا من جي.

❁

منهنجي من جان پئي سڏڪي،
منهنجي آڳُرَ جي تنهائي،
پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾.

ڪِراڙ ڪپ تي جهونگاري ٿو،
بينو نوري ـ جام پٿائي،
پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾.

موٽ مارئي پنهنجي ماڳ،
اکڙيون ٿي آهه سڄي ترائي!
پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾.

ماٺ پڳل مئہ خاني ۾،
آخر ڪنهن آ آس ڏُوڪائي،
پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾.

يار جي ياد جي سورن جي،
ڇا ڪنهن پرکي آ گهرائي؟
پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾.

نِسريا سور سوايا دل ۾،
پڪين جڏهن پريات آ ڳائي،
پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾.

❊

چا پٽ چا ترائي، هر جاءِ آهِي آبُ،
اُنو مينهن وڏڦڙو واري ٿي سيرابُ،
نينگر ڏِٺو خوابُ، ڏينهن ٽرئي جو ننڊ ۾.

❊

نيرو پاٽي ٽوبي جو مٿان ٻيرن ڇانوَ
آيون ڪٽي ٿانوَ پاٽي پرڻ نينگريون.

❊

نينگر پگهريل پيٽ تان، چولي ورائي،
مهڪي ترائي، پسيني جي بوءِ سان.

❊

**وُنو وَڏَ ڦُڙو**

**واريا سي تي ووالا!**

**آليءَ واريءَ وِڪِريو موتين وانگ ڳَڙُو**
**واريا سي تي ووالا!**

**خوشيءَ مان ڪٽي هليون، سَرتيون سِرَ گهڙو**
**واريا سي تي ووالا!**

**سائيءَ ترائيءَ وَڳو ڳچيءَ ڳئونءَ چڙو**
**واريا سي تي ووالا!**

**ماڳ وريا ماروئڙا، تون ئي ڏور چڙو**
**واريا سي تي ووالا!**

**ٻانءَ سهڙيا سپرين! لوڏيو واءُ ڪڙو**
**واريا سي تي ووالا!**

❊

مَ ڏي مهڻا ماءِ، مان پنهنجي وَسِ ڪِٿي،
مَ ڏي مهڻا ماءِ.

مان پاڳل ڪاڻ پرينءَ، سڄ اُيري سج لٿي،
مان پنهنجي وَس ڪِٿي.

جاني ويرين سان به، اهڙي مَامَ مَ ٿي،
مان پنهنجي وَس ڪِٿي.

هيٺ چڪوريءَ نينهڙو، ڪيڏو چنڊ مٿي؟
مان پنهنجي وَس ڪِٿي.

سرتي ڳجهڙا سُورَ، سگهندي ڪيئن ڪَٿي؟
مان پنهنجي وَس ڪِٿي.
مَ ڏي مهڻا ماءِ.

❊

ٻهَ ڳوڙها، هڪ سارَ!
ٻي خالي سندم جهولڙي.

پاندِ پنهنجي مون پَسيا، ڪارا ڪاروبارَ!
سُورَ سوڙهو ڪن، تڏهن، تڪيان ٿُو ڏُوارَ!
مڙهه منجهه مَنَ هلي، تنهنجي ٽَنِ_تنوارَ!
”صدقي شل سيدؒ جي، پنهنجو ڪن پنهوارَ“!
ٻهَ ڳوڙها، هڪ سارَ!
ٻي خالي سندم جهولڙي.

❊

# نم نم منهنجا نيڻ

## غزل

تنهنجي ياد ۾ روئڻ خاطر!
ٻهانا ڳولن ٿيون اکيون.

جيئن جيئن رات ٺري آهي.
ياد جي چٽنگ ٻَري آهي.

هن ڀُلايو زمانو ٿيندو،
بس پنهنجي نہ سَري آهي.

نادانِ سان نہ ڪر چرچو،
دل سنڌءِ لاءِ چَري آهي.

ساٿ تنهنجي جي سوالي،
رات ستارن ڀري آهي.

تو ريءَ خيال جيون جو،
ڳالهہ ڪيڏي ڳري آهي.

❋

ڪملي ڪيڏو ڪَجُ ڪري ٿي،
ڪيچ وارن ڪان وَرُ گُهري ٿي.

تنهاين جي موسم ۾ بس،
مونڏي تنهنجي ياد وري ٿي.

عشق جون بي انت لهرون،
دل ڪاغذي ٻيڙي، تري ٿي.

پوئين پهر ۾ واءُ جي سِرِ سِرِ،
دل_اڱرن تي ماڪ ٺري ٿي.

❁

ياد جي چوڇي ڏنپ ڏيئي ٿي.
رات جو ننڊ نہ ڪائي اچي ٿي.

پوئين پَهَرَ جي پيلي چانڊوڪي،
مَنَ گهايلَ تي مرهم رکي ٿي.

مون ڪان اَلِ، پل تون اَلِ پر،
توکي سهيلي ڪجهہ تہ چئي ٿي.

منهنجي من جان ٿر جي واري،
نيلي نپ ۾ ڪيڏو ڏسي ٿي.

❊

تنهنجي ياد ۾ روئڻ خاطر،
بهانا ڳولڻ ٿيون اکيون.

منهنجي ويران دل ۾ فقط،
تنهنجي يادن سنديون ارٿيون،

پنهنجي بغير اُداس هوندا،
سمنڊ، ساحل ۽ سپ ڪَتيون.

تنهنجي يادن سان گڏ او پرين!،
ڪيڏيون اُداسيون لٿيون.

تون خوش ۽ کِلندي هُوندينءَ!
ڪيئن اسان اعتبار ڪيون؟

❊

دل ۾ تنهنجو خيال آيو آهي.
انڌيري گهر ۾ سوجهرو ٿيو آهي.

ڪيئي گلاب ڪڙيا، خوشبو مهڪي،
بي خياليءَ ۾ هن هٿ ڇُهيو آهي.

هرپل جي خبر رکڻ چاهيان ٿو
ايتري آخر جستجو ڇو آهي؟

اُداس موسم ٿيو سرءُ ڇائنجي وئي،
جنهن پل رُسڻ جو فيصلو ٿيو آهي.

اڄ وري مينهن پيو آهي ياد جو
اڄ وري ڇپر اک جو ٽميو آهي.

❊

سونهين ٿي سسئي، گهٽن گهيرن جي!
ڏَپَ ۾ ڏيچاري، ڏاهيل ڏيرن جي!

چميندي چميندي ڪاڪ جي خاڪ،
ميندي مرڪي پئي، زخمي پيرن جي!

دلبر جي در جي، دز ۾ ڏوتل،
اوجر پسي کو، ڪپڙن ميرن جي!

گل گلابي کو مُرڪ جو تحفو!
سَارَ ٻه لهبي آ ٻندن جيرن جي.

❁

هر پن تي نَمي آهي، ڪا رات رُني شايد.
هر پاند پُسيل پسجي، اک ڪا تہ ٿِمي شايد.

مون آچ ڪئي جذٻين، هر وار ملي واپس،
آر ڪهڙو اوهان کي پر، دل منهنجي ڪِني شايد.

هر ڪُنڊ کان اچي پيئي، مهڪ گلابن جي،
گُل سارا ٽڙي پيا هِن، هوءَ آهي کِلي شايد.

اوهانجي اُسهڻ تي، تڙپي ٿي ڪيڏو پئي،
اڪيلپ جي عذابن کان، دل آهي ڊِني شايد.

ڌرتي ٿي لڳي بسمل، فلڪ آهي ڏِنو روئي،
تَندُ نينهن جي نازڪ اڄ، ڪنهن آهي ڇِني شايد.

❁

خواهش ته هر خواهش پوري ٿي،
پوري ٿي به ته ڪهڙي ٿي.

ياد جو پاڻي آهي، بيٺل آهي،
ڪل ته ڪنول ٽڙي ڪا ڪَٽوري ٿي.

حجاب واجب آ ننڊ ۾ نا محرم ڪان،
اسان ننڊ به نه ڪيون جي ضرورت ٿي.

جي بيٺل آهي ته هٽي ڏپ ٿو وڃي،
ساڳو پاڻي جي وهي زندگي ٿي.

✽

تنهنجي اچڻ جو آسرو، مونکي پرين هر شام جو.
اُن آس آ آٿت ڏنو، مونکي پرين هر شام جو.

ٿو ڏينهن جو رستا ڏِسان ۽ رات جو تارا ڳڻيان،
نہ تو سِوا آرام ڪو، مونکي پرين هر شام جو.

مت واعدا واري ڇڏين ۽ مونکي وِساري ڇڏين،
ماري وجهي ٿو ڪٿڪتو، مونکي پرين هر شام جو.

جو ماڳ هو منهنجو اڳي، سو هاڻ ٿو مونکي لڳي،
هي شهر تنهنجو اوپرو، مونکي پرين هر شام جو.

آ تو سِوا ڪهڙي خوشي، ٿي زندگي ڏاڍي ٻُسي،
يارن ڏنو آ وائڙو، مونکي پرين هر شام جو.

ڏينهن جو ٿي ياد ڳاهي، رات جو ڪا ننڊ ناهي،
درد آ ڳولي لڌو، مونکي پرين هر شام جو.

❁

ڪڏهن روئڻ ۽ ڪڏهن کِلڻ،
چاهه ۾ ڪنهنجي چريو ٿيڻ.

خيالي لب ۽ نيڻ گڏي،
چنڊ ۾ ڪنهن جو چهرو چِٽڻ.

ڪيڏو پيارو لڳندو آهي،
ڪنهنجي ياد ۾ رات جاڳڻ.

شام جو تنها هوندا آهن،
بئنچ پٽر جي ٻڙ جو وڻ.

ناهي ڪنهن ماڻهوءَ جي وَسِ،
ڪنهن سان دل جو لڳي وڃڻ.

❊

توکي پيارا حجاب آهن.
چُور ٿيا منهنجا خواب آهن.

مون لئہ ٿيا اوپرا ڪيڏا،
تنهنجي چپڙن جا گلاب آهن.

تنهنجي پريت ڌرتيءَ تي پرين،
صحرا کان وڏا سراب آهن.

ورهين پُڄاڻان مِلي آهين،
رهيل ڪيترا حساب آهن.

تنهنجا خواب آڻيندا مون لئہ،
اڻ ڏِنا اڻ لکا عذاب آهن.

❁

ڪي ساعت رهي ساڻ چاهت.
تنها ڪتي باقي مسافت.

سسئي ڪنهن کان پيير پُڇائي،
بس بَر ڏِٺا ها ويندا جت.

هن جي وارن ۾ پيل گل سان،
ٿي محسوس ڪيڏي رقابت.

اڀريو عمر جو اوجاڳو،
ڪنهن نيڻ جي نازڪ شرارت.

هر ويل جهول منهنجي پريءَ
واهه ڙي سور تنهنجي سخاوت.

❊

تنهنجا نيڻن ۾ خواب پوکيا ها.
پاڻ لئه ڪيڏا عذاب پوکيا ها.

”نهه“ جا وڏا وڻ، وفا بدلي ڏنا، هُن،
دِل-کيت ۾ شايد ”جوابَ“ پوکيا ها.

سفر پيار جو صحرا جو سفر آ،
هر گام تي قسمت سراب پوکيا ها.

پوءِ هر راهه ۾ ٽانگر ۽ ڊنگر ڇو؟
هر ڀارِ ۾ ’اصغر‘ گلاب پوکيا ها.

❁

هو تہ هڪ خواب هو، ٽُٽڻو هو، ٽُٽو!
پو بہ نيڻن نہ ڪئي ننڊ رات سڄي ڇو؟

ڇو رڳو توئي ڏِنو روئي؟ ٻُڌا اي دل!
تارا بہ هئا تنها، تنها چنڊ بہ هو.

غيرن جو غم ڪهڙو، غم تہ غيرن سان،
اي دوست! لڳو غير لهجو تنهنجو.

عمر ڀر جي اُداسي ۽ آليون اکيون،
هي مونکي مِليو منهنجي وفائن جو صِلو.

❋

گناهہ جي گپَ ۾ ڦُٽل ڪنول آ زندگي.
وِهہُ بہ آ ۽ پِڙ انگور–ول آ زندگي.

هر سزا ۽ جزا پاسي رکي ملجي،
ڪي ڏينهڙا باقي بچيل آ زندگي.

جيئن ڪيم پنڌُ، وڌيا تيئن فاصلا،
ڇو ايترو مونکان رُٺلِ آ زندگي؟

پڇيائون زندگي ڇاهي؟ چيم، ”سائين–
توسان ملڻ وارو ئي پل آ زندگي“.

هر گام تي ڇرڪي ڏسي ٿي چؤطرف،
ڪيڏو ڪراچيءَ ۾ ڊِنل آ زندگي.

ڪيڏي غمگين، درد ڀري، پو بہ مِٺي!
ڏيمي سُر ۾ ڳايل غزل آ زندگي.
❊

سار سلسلو تنها شاعر.
اُداس ڪمرو تنها شاعر.

مون لئه ڇو تنهائي يا ربّ؟
سوچي ويٺو تنها شاعر.

هڪ عمر ڏِسندو آ رهيو
ڪنهنجو رستو تنها شاعر.

گُل سُڪل ۽ خط پُراڻا،
چمي سڏڪيو تنها شاعر.

❊

جيئن جيئن رات ڀِڄي ٿي.
تيئن تيئن ننڊ رُسي ٿي.

پرواني جي ميت تي،
ڪيڏو رات روئي ٿي.

پنهنجن جا پراون جا،
دل ڪيڏا سور سهي ٿي.

اڪثر ياد اوهانجي،
ٿي تڏڙي هير لهي ٿي.

تنها چنڊ جي تنهائي،
ٿي مات ڦُڙا وَسي ٿي.

❊

تو سِوا زندگي ڇا آهي.
اڻ ڪيل گناهہ جي سزا آهي.

رسندين تہ رُسي ويندي زندگي.
ڳالهہ بس اهائي صفا آهي.

هرڪو محڪوم هرڪو مجبور.
ڪُلي نشاني آ خدا آهي.

ڇوڙس سمنڊ تنهائيءَ جو.
روح سهاري ڪان سِوا آهي.

تون ئي ڇَين، آرام منهنجو.
تون خفا تہ زندگي خفا آهي.

❊

گهر توساڻ ئي گهر سائين.
ورنہ تہ جڳ قبر سائين.

تنهنجي حُسن جو ڪمال ظاهر،
ميڻ ٿيندا ويا پٿر سائين.

ٽِڙن گل دل جي ويراني ۾،
بس ڪرم جي هڪ نظر سائين.

تون آهين تہ مِٺي آ ڏاڍي،
تو ريءَ زندگي زهر سائين.

منهنجي حياتي رات ڪاري،
تون آهين تہ سحر سائين.

❊

گُفتگو ڪا گهڙي ٿئي ها.
پو زندگي، زندگي ٿئي ها.

ڏاها ئي ڪن ها ڏاهپَ،
چري چا لاءِ چري ٿئي ها.

ڪٽڻ بدران جهڪي ها نظر،
عاشقي، بندگي ٿئي ها.

جيڪر پڙهين ها دِل سان،
ڏات، روشني ٿئي ها.

توساڻ زندگيءَ جي پرين،
رات چاندني ٿئي ها.

تنهنجي حُسن جي پاڇي ۾،
شاعري، شاعري ٿئي ها.

❊

هر ساهہ پساهہ ساٽو آهي،
وقت ڇڙ تہ ڪو گهاٽو آهي.

هو پتو نينهن ۽ سور جو،
ناتو گهڻو پُراڻو آهي.

مَوتُ مون لئہ رُسڻ تنهنجو،
تولاءِ تہ ڇڙو ماٽو آهي.

اي درد آءُ پلي آءُ،
دل تنهنجو ئي تِڪاٽو آهي.

هٺيلو آ حُسن جيڏو،
عشق اوترو نماڻو آهي.

هرجاءِ سراءِ وانگر آهي،
گهر تہ بس گهر اَباڻو آهي.

❊

هڪ عمر ٿي سُڃاتو آهي،
روح سنڌ لاءِ آتو آهي.

سياڻو هوس، اَياڻو هاڻي،
ڪيو الائي ڇا تو آهي.

صحرا مان تون ڪڪر جانان،
پنهنجو عجيب ناتو آهي.

اسان ڪي وِساري اوهان!،
الائجي ڇا پاتو آهي؟

ياد-يار جا دَردَ توکي،
مون پاڻ پلئہ پاتو آهي.

لِکو اُن ۾ اُداسي، تنهائي،
ڪُليل 'اصغر' جو کاتو آهي.

❊

توکي مڃائڻ جو،
مونکي ڏانءُ نہ کو.

اُداس هر لمحو،
تنها جيوَن جو.

خوش ٿيان ءِ کِلان!،
تون آءُ پوءِ ڏِسبو.

ڪيسين چؤُ ڏِسان،
اوهان جو رستو.

لَٽيل لحد مٿان،
روئي چنڊ ڏِنو.

✻

جيوَن سراب وانگر.
هر پَل عذاب وانگر.

تنها شباب وانگر،
ٽڙ ۾ گُلاب وانگر.

دوست منهنجي ڪهاڻي،
آ بُور باب وانگر.

آءٌ گنهگار، تون،
سراپا ثواب وانگر.

ڪاش ٻڻي ها ڪوئي،
لمحو شراب وانگر.

❊

تو ريءَ آءٌ اڪيلو سائين.
دُنيا توڙي ميلو سائين.

هر ڪنهن هٿ ۾ پَڪا گهڙا،
منهنجي ڀاڱ ۾ پيلو سائين.

ايئن مون توکي چاهيو آهي،
چنڊ کي ٻار چليلو سائين.

منهنجيءَ دل ۾ آيا آهيو،
ايڏو ڇو اَويلو سائين.

تنهنجي ياد ۾ روئيندو آهي،
الهڙ ڪو البيلو سائين.

❁

ڪوڙ گُلن ۾ ٽُريو آهي.
سچ پٿرن جان پُريو آهي.

تنهنجي يادن ۾ اڄ وري،
جيءُ ڏاڍو جُهريو آهي.

هي غزل شاهد آ، تنهنجو
سپنو هانوَ تي هُريو آهي.

ڇا سوچي نفرتون ڏِنءِ،
مون ته ڪجهه ڪونه گهُريو آهي.

❇

تنهنجي پيار جي روشني هوندي،
ڪيڏي نہ دلڪش زندگي هوندي.

سموري گُلشن ۾ چڙو تون، مان،
ٽڙيل رابيل ۾ چاندني هوندي.

اوهان جو پيار مِٺو چشمو ۾،
دِل منهنجي ورهين جي اُڃي هوندي.

ابد تائين سُمهان اوري ڪر،
تنهنجي وارن ۾ رات ئي هوندي.

ٽيپ تي غزل ۾ يادن جا سلسلا،
ماحول تي ڇانيل اُداسي هوندي.

❊

تنهنجا گَلَ چُمي،
پوپٽ سڙي پئي.

پاڻ ايندا سپرين،
ڪنڌيءَ ڪانگُ لنوي.

سج لٿي سير ۾،
تنهنجو عڪس پوي.

تاڻي چادر رات آ،
تنهنجا وار وري.

چڪوريءَ چاهه ۾،
چانڊوڪي ٻَري.

ڪڪائين ڇپر ۾،
جوين ڪيئن لِڪي؟

مينهن جان ورين جي،
گلڙا ٽر ٽئي.

❊

اچي اوهان جي دَر نہ سائين،
وڃو انهيءَ تَرِ نہ سائين.

هي تہ ٿيو زخمي ڪيُءِ پر،
دَوا بہ دل جي ڪَرِ نہ سائين.

کُوهہَ تان ورندي، گهر اسان جي،
ڪڏهن پيرو ڀَرِ نہ سائين.

هڪ نظر هيڏي، ڪنڌ نِوائي،
رڳو وارن کي وَرِ نہ سائين.

*

ڪير ڪيترو تڙپيو، ڇڏ اِهي ڳالهيون پرين.
هي سفر ڪيئن ڪٽيو، ڇڏ اِهي ڳالهيون پرين.

چاهت جي هِنَ، پُرُ پيچ سفر ۾،
ڪير ڪنهن ڪنهن ڪان لُٽيو، ڇڏ اِهي ڳالهيون پرين.

پڳاسين منزل تي، اِهو ئي ڪافي آ،
ڪير وڏيو ڪير هَٽيو، ڇڏ اِهي ڳالهيون پرين.

پنهنجون راهون ملٽيون هيون سي مِليون،
ڪنهن هو رستو مَٽيو، ڇڏ اِهي ڳالهيون پرين.

❊

ڏات منهنجي مات ڪائيندي ڪنهن ڇيو؟
روشنيءَ کي رات ڪائيندي ڪنهن ڇيو؟

ڪن ڏيو ٻوڙا ٻُڌو ڪو وائي ورجائي پيو،
سانت ساري لات ڪائيندي، ڪنهن ڇيو؟

هر جُڳ ۾ جبرن هٿان، پنهنجي ئي هن ديس ۾،
قوم منهنجي ڪات ڪائيندي، ڪنهن ڇيو؟

هرڪوئي، پوندو ملي، پيار مان پاڻوهه مان،
ذات کي پئي ذات ڪائيندي، ڪنهن ڇيو؟

ڱئونچ مان ٻيا ڱئونچ ڦُٽندا ڏار ڪيئي ٽار ٽيندا،
ممات ڪل حيات ڪائيندي ڪنهن ڇيو؟

❁

جڏهن توکان ڏور کهي ويو آهي.
مور تور کان ئي تهي ويو آهي.

پيار ۾ احساس نہ ٿيو وقت جو،
توکي ڏِسندي ڏينهن لهي ويو آهي.

اڄ تائين مهڪي ٿو دل جو ڪمرو،
ڪو رابيل روح ۾ رَهي ويو آهي.

نہ اچڻ جو قسم کنيو آ تو جڏهن کان،
دِل جو مئہ خانو ئي ڍهي ويو آهي.

هاڻ نہ ڏسندو ڪو مونکي ڪڏهن روئندو،
اتڪيو هو ڳوڙهو وهي ويو آهي.

هي رنگ ۽ خوشبو گلاب ڪٿان آندي،
هي بہ توکي شايد ڇُهي ويو آهي.

❊

وفائن کي سوچي، ڪنديں ياد مونکي،
جفائن کي لوچي، ڪنديں ياد مونکي.

شيءِ وڇايل جيان، احساس ۾ هوندس،
ڏِسي پاسي اوسي، ڪنديں ياد مونکي.

پئماني ۾ منهنجي مئہ او پرين!
هر شام اوتي، ڪنديں ياد مونکي.

”هي ڇا ڪيم؟ رنجائي ڇڏيومانس“
وارن کي نوچي، ڪنديں ياد مونکي.

من راهہ ڀُلجي، اسان ڏي اچي،
ڪڙڪيءَ کي کولي، ڪنديں ياد مونکي.

شاهد وفا جا، منهنجا خط قاتل،
ڀڳل چوڙيون ميڙي، ڪنديں ياد مونکي.

❊

توکان دور او منهنجا دلبر!
خالي خالي، سارا منظر.

منهنجي من جي مُنڊيءَ منجهہ،
جَڙيا سارا، ڇهرا پٿر.

گلشن تنهنجا، توکي پَرتا،
مُرڪن ٿا پيا مون لئہ بَرَ.

فليٽ وَسن ٿا پٿر جا،
خالي آهن اوڏڪا گهر.

ڇا جي داسي ديپ نہ ڪوئي،
خالي آهن دل جا مندر.

پيٺ نہ پريو پئماني سان،
آڇ تون مونکي سارا ساغر.

❊

آ شور بي هنگم زمانا ڇا ڪجي؟
سڀ درد هي پيهم زمانا ڇا ڪجي؟

آڳ جو درياهه آهي اُڪرڻو عشق ۾،
آهي سِتم هر دم زمانا ڇا ڪجي؟

ياد تنهنجي مينهن بڻجي آ وٺي.
نيڻ ٿيا نِم نِم زمانا ڇا ڪجي؟

ٿو ايئن لڳي آهيان اڪيلو ازل کان،
ڪو نه ٿم همدم زمانا ڇا ڪجي؟

مونکي مسيحا ڪونه ٿو اهڙو سُجهي،
جو رکي مرهم زمانا ڇا ڪجي؟

ٿو آءُ جنهن جي آس تي جيئرو رهان،
سو رهي برهم زمانا ڇا ڪجي؟

❊

دل جو دل سان ٿيندو وهنوار آهي.
تڏهن هڪٻئي جو ڪبو انتظار آهي.

پيار جي، حسن جي ۽ حياتيءَ جي،
جيت ڪونهي هِتي رڳو هار آهي.

هوا گڏيندي آ پنن کي ڪي پَل،
هونءَ تہ هرڪو ئي هِتي ڏار آهي.

پيار جا لمحا ئي پُر لطف آهن.
هيءَ حياتي ورنہ رڳو بار آهي.

اوهان جون اُداس اکيون ٻُڌائين ٿيون،
رات ڪيو تو ڪنهن جو انتظار آهي.

❊

هر پل مونکي سارينديِنءَ.
ڳوڙها ڳِل تان ڳاڙينديِنءَ.

هر ڪڙڪي تي مونکي ڀانئي،
دَر تان بيهي تاڙينديءَ.

منهنجا گيت غزل ۽ وايون،
ڏيمي ڏُنِ تي ڳائينديِنءَ.

مهندي منهنجي نالي جي،
هٿڙن تي تون لائينديِنءَ.

پنهنجيءَ چت تان مون لئه هر هر،
بيٺي پئي واجهائينديِنءَ.

چرڪ ڀري اڌ راتين جو،
تارن سان ڳالهائينديِنءَ.

❊

ساهہ منهنجو ٽنگيل،
نيڻ هن جا جُهڪيل.

گيت، پڙاڏو ٿيو،
ساز آڱر رُڪيل.

آس موڙيو نہ ڪر،
هاءِ جذبا ٽڪيل.

آءُ اڪيلو گهٽيون،
در سڀ ٻيڪڙيل.

پريت، پنڌ، رسمون،
پير پنهنجا جَڪڙيل.

نينهن اٽانگو صحيح،
مگر ديوارون وڏيل.

❊

تنهنجي نظرن گهايو بس.
دِل ۾ سور سمايو بس.

تنهنجي پيار جا گهرا گهاوَ
منهنجو ڪُل سرمايو بس.

منهنجي ڳالهه ٻُڌو دِل وارو
لوڪ کان لڙڪ لڪايو بس.

آخر دل جو دارون آهي،
چاڪ چڪيل ئي چايو بس.

پريم نگر جي بُت خاني ۾،
تنهنجو بُت ئي پايو بس.

تنها 'اصغر' منهنجون راهون،
ساڻ فقط آ سايو بس.

❊

اڄ ننگو ڏِسي راهه تي چريو.
آرزو، آس، احساس ٻَريو.

ڀَل نه ڏيو خوشيون دوستو!
دُک سان نه جهول منهنجي ڀريو.

اڄئي ياد ڪڏهن مُرڪ سان تو،
راهه ويندڙ مسافر هو ڦُريو.

دل-ڪينوس تي تصوير تنهنجي،
جڻ نيڻن ۾ پئي ڪنول ٽَريو.

محبت جي موت ۾ نفرتون ڇو؟
ڪنهن هو وفا جو صِلو گُهريو؟

❁

تنهن ويل ڪي نيڻ مونکي ٿا مارن.
جنهن ويل گهوري ٿا مونڏي نهارن.

وِساريو تو مونکي سائين ايئن آ،
سُڪل گُل کي ٿا پونر جيئن وِسارن.

سانوري سانجهه چئوڌس چائنجي وجي ٿي.
ڪارا وار پنهنجا جڏهن ٿا سنوارن.

ڪيڏانهن ويو هُو ستارن جو ٽولو،
ويهي واٽ تي رات گهاري ويچارن.

پرين پيار تنهنجي جا لمحا ئي بس،
باقي حياتي وِساري آ يارن.

نئين دور جو ڪو انقلاب آ چا؟
بُتن کي پڳو آ سندن ئي پُڄارن!

سُرهي ساٿ تنهنجي جا عادي 'اصغر'
سِوا تو پلا ڪيئن تنها گُذارن.

❁

ٻَري ڪر نہ اکڙيون جُهڪائي اسانکي.
پئي هنڙا ملينديون وِڃائي اسانکي.

سنگ روپ ۾ آهيون پارس پرين!
سون بڻجي جو دِل سان لائي اسانکي.

مست دُنيا ڪيون، گيت اهڙو آهيون،
سازِ دِل تي جي ڪوئي ڳائي اسانکي.

هن ويران وٿ ۾ آهيون ڄايا اسان،
آهيون گُلابَ پر ڪير ڀائي اسانکي.

تنهنجي پيار جو مان بيمار آهيان.
ڪير سمجهي پرين ڪير هائي اسانکي.

ڏِنو پيار مونکي هر دَم ڪنڊن آ،
گُلابن جي ياري وئي گهائي اسانکي.

❊

ڪڏهن ٿِميا نہ جنهن مان بندگيءَ جا ڳوڙها.
ان اک مان اڄ وَسن، ٿا بي وسيءَ جا ڳوڙها.

آ فِيس جو پُڇاڻو ۽ اُستاد جي ملامت،
نينگرَ جي اک ۾ آيا بي ڪسيءَ جا ڳوڙها.

ماڻهو چوَن ٿا ڪلندي، پرجي اکيون اڇن ٿيون،
مونکي خبر نہ پر ڇا هِن خوشيءَ جا ڳوڙها؟

توکي نہ سگهندي روڪي، توکي بہ ڪين سگهندا.
دانهہ دُکيءَ جي کهڙي، کهڙا مُنيءَ جا ڳوڙها؟

ماڻهن چوَن ٿا 'اصغر' ماڻهو سُٺو آن ڏاڍو،
مونکي تہ ڏِنا آهن تو زندگيءَ جا ڳوڙها!

❊

# سونهن جون ڳالهيون سپئي

## گيت ۽ نظم

سنگ مر مر تي ڪو جِهرٽو
ڳَلَ تي ڳوڙهي جو ڪِرٽو.
سونهن جون ڳالهيون سيئي.

# ماڻ گُل پوکيان ٿو

ماڻ گُل پوکيان ٿو
پرت جا ـ
نفرت جي ساري گپَ تي.

ماڻ گُل پوکيان ٿو
لاٽ جا ـ
اُماس جي ڪارپَ تي.

ماڻ گُل پوکيان ٿو
امن جا ـ
دهشت جي ساري ڏپَ تي،

ماڻ گُل پوکيان ٿو.

❊

# گيت

شام ويلي، هولي هولي،
ڏنڌ-نيڻن ۾ ترڻ، سونهن جون ڳالهيون سيئي.

رات ڪاري، هائي ياري،
سپني سُرهي جو جهرڻ، سونهن جون ڳالهيون سيئي.

سنگ مرمر تي ڪو جِهرڻو،
ڳل تي ڳوڙهي جو ڪرڻ، سونهن جون ڳالهيون سيئي.

صبح مهل، تڙيل گُل،
تن تي پونرن جو پِرڻ، سونهن جون ڳالهيون سيئي.

ڳاڙهي آڳ، ڳائي راڳ،
۽ پتنگن جو ٻَرڻ، سونهن جون ڳالهيون سيئي.

سنگ نرمي، برف گرمي،
گل سرءُ ڪان گُهرڻ، سونهن جون ڳالهيون سيئي.

❊

# نماڻا رنگ سپنن جا

اُباڻڪا لڳا اڄ نيڻ تنهنجا،
مان ٻاناين مونکي ڪيو ياد هوندءِ
پريت جي منهنجيءَ ڪري ياد سارا،
جُهريل خواب، سپنا، چچريل پُراڻا،
نماڻا نماڻا، تڙيل جن جا ڻاڻا،
سڪ جي سئيءَ سان سبيو تِن کي هوندءِ
۽ رنگين خوابن جي ليڙن مان سائين،
تو سارن جي سهڻي رِلي ڻاهي هوندي،
۽ ڪِرڻ چاهي هوندي،
ان تي ليٽي مِٺي ننڊ
پر سي رنگ رنگ سپنا،
سار جي رِليءَ تان لهي، ساهه سان گڏ وهي،
تنهنجي نيڻن ۾ هوندا ويا اوتجي،
۽ اُباڻڪا ٿي ويا هوندا نيڻ تنهنجا،
تن رنگن کي صورت ۾ سٽڻ لاءِ،
ڏور خلائن ۾ ويا هوندا کوئجي،
۽ پوءِ ويا هوندا ڏوئجي،
سي سارا سپنن جا رنگ،
جڏهن ساگر تنهنجي سار جو،
اُٿيو هوندو اڇي مؤج ۾...

❊

# سچ

تنهنجي آس ۾ جڏهن،
مان جيون جو
هر بار لاهي ڪندس ڦِٽو
مونکي منهنجا مائٽ ڏيندا،
پاڻيءَ سُرهي سان تڙ،
واسيو ويندو منهنجو لباس
۽ وڏي تعظيم سان
منهنجي سرير کي سجائيندا
منهنجي ابدي گهر ۾
ته مان چُٽي پيس
زندگيءَ جي هڻ هٽان، وٺ وٺان ڪان
پر تِن کي ڪهڙي خبر
ته تو کان ڏور رهي
مان ڪيئن خوش رهي سگهندس.

❊

# استحصال

ٻُڪ وِڳهي مري ويندڙ
منهنجا محبوب!
موٽي آءُ
اچي ڏِس
ڪٽڪ لاباري تي آهي
آءُ ته ڳڏجي
لُٽون، ڪٽون ۽ ٻاهيون
ته جيئن پرجي سگهي
وڏيري جو پيٽُ!!

❊

## جيئن هر شام تيئن هيءَ شام به

جيئن هر شام تنهنجي بي رُخي ورجائي،
دِلڙي روئاڙي، گهايل ڪي گهائي
ٿي موڪلائي، او منهنجا پرين!
تيئن اڄ شام بہ —
تنهنجي بي رُخي جا وار
دِل تي مُرڪي پيا هِن
۽ چُلڪي پيا هِن
سار سان ٿمتار نيڻ منهنجا پرين!
هي جو شفق رنگ، رتل جُهڙ ڏِسين ٿو
منهنجي نيڻن جي جَرَ جي ڇَرَ تي اِها
جنهن ۾ سار تنهنجي پيار جي
درد جو ملائي ڇڏيندي دونهون
۽ پوءِ ڇائنجي ويندا
درد جي دونهين جا بادل ڪارا
ڪنهن ڏُهاڳڻ جي ڏهڪائيندڙ ورلاپ جان
هيءَ شام بہ —
تنهنجي بي رُخي ورجائي، دِلڙي روئاڙي،
گهايل ڪي گهائي، ويندي موڪلائي،
او منهنجا پرين!

❊

# عزتِ نفس

هي سفيد پوش ٻُڪايل انسان
ڏاڍو ڏکيو هنن جو گُذارن
هنن جو پيٽ خالي آهي.

ڪانوَ ٻار کان جهپڙي ٽُڪرُ ڇنو
۽ هُن پتر جڙي ڪانوَ کان
هِن جو پيٽ ڀريل آهي.

❊

# حدود آرڊيننس

پنهنجي پيار
پنهنجي محبوب سان
پيار ونڊيندي
پئي هئي پڪڙجي....
۽ اڄ چوٿين ڏينهن
صوبيدار جي پلنگ تي
ماني پچائي رهي آهي.
❊

# حقيقت

جيجل ! مان پڙهي رهيو آهيان
رات ڏينهن هڪ ڪري
ڊگرين تي ڊگريون وٺندو ٿو وڃان
تنهنجن اڀوجهه ۾ سادڙن
سانگيئڙن لاءِ
تہ جيئن آفيسر ٿي وڏو
ڪين ٻنهي هٿن سان لُٽي سگهان.

*

# گيت

چنڊ کي پل تون چاهه، پکيئڙا،
پيار نہ آهي پاپ.

ڇا بہ چوي يا سوچي دُنيا،
پار پرينءَ جي ڪاهہ، پکيئڙا،
پيار نہ آهي پاپ.

پيار جي قاتل دُنيا مان تون،
ڏوهہ جا ليکا ڏاهہ، پکيئڙا،
پيار نہ آهي پاپ.

ڳاءِ وري ڪو گيت سُريلو،
مَنَ جون مونجهون لاهہ، پکيئڙا،
پيار نہ آهي پاپ.

ماڳ پرينءَ جو ڏور بہ کهڙو،
اُت تون پرڙا ساهہِ، پکيئڙا،
پيار نہ آهي پاپ.

❋

# نئون سال

نئين سال مان دُنيا کي
آس آ ڪنهن خوشيءَ جي
ڏُکن جي ختم ٿيڻ جو آٿت آهي
اُن آس ۾ آٿت ڪين
هڪ نئون جنم آ عطا ڪيو
۽ مان بہ هڪ دفعو وري
اُن آس تي آهيان جيئرو ٿيو
تہ منهنجي پيار جي خطا
۽ تنهنجي نفرت جي عطا ٿيندي
پلئہ پوندو هڪ نئون ڏُک
هڪ نئين جفا ملندي
نئين سال ۾...

❊

# حق

توکي منهنجو چاهڻ
منهنجو حق آهي
۽ مونکي چاهڻ يا نہ چاهڻ
تنهنجو حق آهي
تنهنجي پيار تي توکي حق آهي
مونکان رُسڻ جو حق بہ
بلاشڪ اٿئي،
پر منهنجا گيت تہ مونکي واپس ڪر
جيڪي تنهنجي رُسڻ سان
رُسي ويا آهن
جن تي منهنجو حق آهي.

❁

# ظلم

منهنجي من جي ململ کي
پنهنجي پير جهڙي
پيار تي ويڙهي
تو ڇڪ ڏيئي
ٽيڙ چاهيو آجو
پيار سان پاند ڇڏائڻ
توکان ڪين پُڄو
ڏِس من منهنجو
ڪيتريون نہ ليڙون ٿي ويو آهي.

*

# ارپنا

ڪنهن اُداس گهڙي
لُڙڪن جي مَسُ سان
مون جيڪي گيت لکيا هئا
اڄ سي سارا گيت
مان نانءِ ٿو ڪريان
تنهنجيءَ مُرڪ جي.

❃

# احساس

منهنجا محبوب!
تنهنجيءَ ياد جي خوشبو
هزارين ميل سفر ڪري
ڪيئي ٿر، ڪيئي بر
۽ انيڪ جهنگ ۽ جبل ٽپي
مون تائين پُهتي آهي
۽ منهنجي رائيفل جي چيمبر ۾ پيل گولي
گُلاب جو گُل بڻجي وئي آهي.

❋

# آخري چُمي

آءُ گُذرندڙ سال جي
آخري لهندڙ سج کي
آخري چُمي ارپيان ٿو
۽ سوچيان ٿو
گُذرندڙ سال ۽ تو ۾
ڪهڙو فرق آهي
ٻئي پنهنجي خوشين ۽ غمن سميت
ڏور ٿا مونکان وڃو.

❊

# چري

دور درختن پويان
ڪچين پتين واري گهرڙي ۾
در تي ٽنگيل ڳوڻ مان
منهنجو رستو پئي نهاري.
❊

# جاني اڄ چيٽ جي منڊ آهي

جاني اڄ چيٽ جي مُنڊ آهي،
۽ ها، مونکي ياد آهي،
اُن ڏينهن سرءُ جي مُنڊ هئي ڇانيل
ڌرتيءَ جي سيني تي،
پر اُن موسم ۾ به گُل ٽڙيا ها رابيلن جا
اڄ اُنهن رابيلن جون پتيون
جُدائيءَ جي اُس ۾ سڙي سُڪي ويون آهن
۽ ڪٽي ويون آهن
بي اعتباريءَ جون هوائون
اُنهن گُلن جي سَڳنڌ
ڇڙو سَڙيل، سُڪل پن، ڪجهه ٽانگر ۽ خاڪ
پنهنجي پيار جون نشانيون باقي آهن.
جاني اڄ چيٽ جي مُنڊ آهي.
❁

# اوهان چا آيا

اوهان ڪان اڳ،
مون لاءِ جڳ، بي سوادو هو،
نہ ڪو گل، نہ ڪو پوپٽ
نہ ڪا بلبل هئي،
نہ ڪا هير ٽڏي، نہ ڪڪري
نہ ڪا جل ٿل هئي.
رڳو رُج هئي، اُڃ هئي
دل ـ ڌرتي منهنجي
چڙو سُڃ هئي...
اوهان چا آيا ـ
سُڃيءَ ڌرتيءَ تي بهار آيو جڻ
ڪيئي گؤنچ ڦٽا، گل ٽڙيا
سُڪل ٿوٿ زندگيءَ جو
ٿي پيو سائو وڻ
ختم ٿي آخر
ورهين جي اُڃ ٽُڃُ.

❋

# دعا

شل مون وانگر توکي،
مون سان پيار نہ ٿئي.

پاسا ورائيندي ڪڏهن
نہ تنهنجي رات ڪٽي.

دوست ڪن ٿتوليون،
نہ تنهنجي حالت تي.

هٿ ريکائون ڏِسندي
نہ تنهنجي چاءِ ٺري.

شل مون وانگر توکي،
مون سان پيار نہ ٿئي.

❊

شل تنهنجي نيڻن جو،
نہ لُڙڪ ڏِسن رستو.

ڪو درد نہ مُرجهائي،
هي مُڪڙو گُل جهڙو.

پوپٽ آڻن تولئہ،
خوشبوءَ جو تحفو.

تنهنجي بستر تي ڦُٽي،
ڪو روز نئون سپنو.

سدا مُرڪي تو مٿان،
رنگ هي جوڀن جو.

❊

# حوّا جي ڌيءَ

هيءَ حوّا جي ڌيءَ
جا سيپيتا آهي
سُرهاڻ آهي، چانڊاڻ آهي
پيار جي اُڻ ڪُتندڙ ڪاڻ آهي
توڙي ڄاڻ آهي-
تہ هِن جي هستي
ضد آهي پستيءَ جو
پوءِ بہ اڄ ساڻ آهي
بدبوءِ جي ڍير مثل
آدم جي پير جي پٽي ٻٽي
هيءَ حوّا جي ڌيءَ
جا پوڄڻ لائق آهي انسان لاءِ.

❋

# دل جي ڌرتي

دِل جي ڌرتيءَ تي
ڪنهن نرم احساس جي ڪوُنپل
ڦُٽي ته ڪيئن ڦُٽي؟
اُداسي بيٺل پاڻيءَ جيان وئي آ ڏپ هٽي
۽ هر ياد تي چڙهي ويو آهي سينور هاڻي
واعدا اڻ پاڙيل ۽ لفظن جي هير ڦير
هر آس جي پاڙ چِڏي آهي پٽي،
هاءِ دِل جي ڌرتيءَ تي
ڪنهن نرم احساس جي ڪوُنپل
ڦُٽي ته ڪيئن ڦُٽي؟

❊

# گيت

مون کي نہ راس آيون،
تنهنجي شهر جون هوائون.

مون ئي هو پيچ پاتو،
مُرڪڻ کي موهہ ڄاتو،
کهڙو قصور تنهنجو،
منهنجون ئي سڀ خطائون.

اجنبي ٿيا ها سڀ گهر،
وسندا رهيا ها پٿر،
نا ڪردهہ گناهن جون
ڪيڏيون ڪڙيون سزائون.

بي رحم بڻي خُدائي،
ڪنهن کي نہ ڪهل آئي،
اي ربّ! تنهنجي در تي،
ڪيڏيون گُهريم دُعائون.

❊

# گيت

اجان تنهنجا انگ
منهنجي من ۾ رنگ، آهن پرينڊا
هاءِ ڪيڏي دور آن.

اوجل، اوجل،
ڏنڊ ۾ نيل ڪنول، اوهان جا سپنا
هاءِ ڪيڏي دور آن.

هر گهڙي هر پَل
منهنجا هن اٽل، اوهان سان ناتا
هاءِ ڪيڏي دور آن.

❊

# چانڊاڻ جي آشا

ڪاري اُماس رات
سانت ڇانيل هر طرف
تنهائي جي راڄ ۾
مَن بلڪل هيڪانت
ڀانت ڀانت جا خيال
ڇٻرن جيان ڇڪر هنيو
گم ٿيا وڃن انڌيري ۾
من اڪيلو هر پل جاڳي ٿو
سي سارا خيال ويڙهو ٿاهي ٿو
رات جي تاريڪ ويراني ۾
ڪا چنڊ جهڙي وسِنوَ چاهي ٿو.
ڪا چنڊ جهڙي وسِنوَ چاهي ٿو.

❋

# پاپ کهڙو پيار ۾

ٿو ٻُڌان ڪو شور آ،
ايوانِ سرڪار ۾
”پيار جا ڏوهي سيئي
اونڌا ٻڌو ڪنهن ٻار ۾
سنگِ باري ٿي وڃي
جي هي ڏِسو بازار ۾
پيار وارن جون اکيون
پوبو سيئي تلوار ۾“
ٿو پُڇان توکان زمانا
آ پاپ کهڙو پيار ۾؟
ڇا اڃان ويندا وڌا ـ
انسان ڪي ديوار ۾؟
انسان ڪي ديوار ۾؟
❊

# گيت

چڙي چن چپڙ
امڙ تنهنجو گهڙ
ابل جو پڏڙ، مان هيڪر هلي ويندس.

ڪنڍيءَ تي ڳيرا،
پرينءَ گهر پيرا،
چولا چڙي ميرا، مان هيڪر هلي ويندس.

داٽا مٿي جند،
پيٺي ڏٺا چنڊ
چڙي سيئي ونڊ، مان هيڪر هلي ويندس.

❋

پنو عاقل جي ڳوٺ عالم خان جتوئي جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ نرم احساس ۽ ڪومل جذبن جو شاعر اصغر جتوئي منهنجي طبيعت کي ائين پاڻ ۾ پيو جيئن خوشبوءِ جو احساس گلابن جي ٻاريءَ ۾ ويهڻ کان پوءِ ٿئي ٿو. سندس باوفا فطرت، سچ چوڻ واري روَش ۽ انصاف ڪندڙ ڳڻ منهنجي ۽ مقبول سومري جي دل ۾ سندس لاءِ بي انتها محبت پيدا ڪئي.

اصغر جتوئي، مونکي آڳر مان جلهي هن معاشري ۾ هلڻ سيکاريو، اُتساهه ۽ ويساهه ڏنو.

اصغر جي شاعريءَ ۾ نڪور جذبا، اڻ ڇُهيل احساس، پيش ڪرڻ جو انداز، سلوڻي سنڌي لفظن جي چونڊ، فطري ۽ نرالو انداز آهي. سندس وايون، گيت، بيت، نظم، نثري نظم ڪيس سنڌي شاعريءَ ۾ سهڻو مقام ڏين ٿا.

**صفر ڪلهوڙو**



پنو عاقل جي ڳوٺ عالم خان جتوئي جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ نرم احساس ۽ ڪومل جذبن جو شاعر اصغر جتوئي منهنجي طبيعت ڪي ائين پاڻءِ پيو جيئن خوشبوءِ جو احساس گلابن جي ٻاريءَ ۾ ويهڻ ڪان پوءِ ٿئي ٿو. سندس باوفا فطرت، سچ چوڻ واري روَش ۽ انصاف ڪندڙ ڳڻ منهنجي ۽ مقبول سومري جي دل ۾ سندس لاءِ بي انتها محبت پيدا ڪئي.

اصغر جتوئي، مونکي آگر مان جلهي هن معاشري ۾ هلڻ سيکاريو، اُتساهه ۽ ويساهه ڏنو.

اصغر جي شاعريءَ ۾ نڪور جذبا، اڻ ڇُهيل احساس، پيش ڪرڻ جو انداز، سلوٽي سنڌي لفظن جي چونڊ، فطري ۽ نرالو انداز آهي. سندس وايون، گيت، بيت، نظم، نثري نظم ڪيس سنڌي شاعريءَ ۾ سهڻو مقام ڏين ٿا.

**صفر ڪلهوڙو**